Reg No 2677

ABC Certified

روزاني سنڌيار ڪراچي

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

جلد: 11 | چنڇر 29 جولاءِ 2023ع بمطابق 10 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 280 | قيمت 10 رپيا

دهشتگردي جا ڪجھ واقعا ٿيا آهن پر سنڌ محفوظ آهي: مراد علي شاھ

الحمدالله سنڌ، انٽيليجنس بيسڊ ٽارگيٽيڊ آپريشن ۽ سمورن قانونن لاڳو ڪندڙ ادارن وچ ۾ سٺي لاڳاپن سبب محفوظ آهي

صوبي ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو ورتو ڪاٿو پوليس، رينجرز ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن کي ضروري هدايتون ڏئي ڇڏيون آهن

ٽيڪنالاجي ذريعي دهشتگردي جي خطري کي منهن ڏئي سگهجي ٿو ان ڪري انٽرنيٽ ۽ موبائل فون سروس معطل ڪئي وئي آهي

اسان سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انشاءَ الله سڀ ڪجھ پلان موجب ٿيندو

9 ۽ 10 محرم الحرام جي جلوس جو رستو نشتر پارڪ، نمائش، ايم اي جناح روڊ، مينسفيلڊ اسٽريٽ، پريڊي اسٽريٽ ٿيندو حسينيان ايرانيان امام بارگاھ تي ختم ٿيندو: آءِ جي

جلوس جي سيڪيورٽي لاءِ 4698 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا آهن، جلوس جي سي سي ٽي وي ڪوريج پڻ ڪئي پئي وڃي: غلام نبي ميمڻ جي وڏي وزير کي بريفنگ

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ محرم الحرام جي رستن جي | دورو ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته خيبرپختونخواھ ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي | جا ڪجھ واقعا ٿيا آهن پر الحمدالله سنڌ، انٽيليجنس بيسڊ ٽارگيٽيڊ آپريشن ۽ | سمورن قانونن لاڳو ڪندڙ ادارن وچ ۾ سٺن لاڳاپن سبب محفوظ آهي. هن اها ڳالھ ايم | اي جناح روڊ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چئي، جتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ نڪتل ماتمي جلوس شهر مان گذري رهيو آهي

ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ عزاداري جو سلسلو جاري، اڄ ڏهين محرم جا سوين پڙ برآمد ٿيندا

ڪراچي ۾ نشتر پارڪ مان نائين محرم جو مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ٿيو، کارادر جي امام بارگاھ حسينيھ ايرانيان ۾ نهر ٿيندو

پيھ دوران ساھ ٻوساٽجڻ سبب هڪ عزادار آغا شاهزيب پٺاڻ فوت ٿي ويو، 20 کان وڌيڪ زخمي ٿي ويا

حيدرآباد جي مختلف علائقن مان به ماتمي جلوس برآمد، نسيم نگر ۾ سيد راشد شاھ ۽ سول لائين ٽنڊو جهانيان ۾ عزادرن پاران ڪانڊن تي ماتم ٿيو

سن ويجھو آمري مان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو، ٽنگواڻي ۾ به ماتمي جلوس برآمد ٿيو، عزادارن پاران نوحه خواني ۽ سينا زني ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش

قاضي احمد ۾ عزادارن پاران تلوارن ۽ گُرزن جو ماتم، دوداپور، ڄام صاحب ۽ ٻهرام مان به ماتمي جلوس برآمد، حيدرآباد، سکر، خيرپور، ڪنڌڪوٽ، دادو ۽ نوشهروفيروز ضلعن ۾ موبائل فون سروس معطل

ڪراچي (نمائندن وٽان) ڪربلا جي رڻ ۾ اسلام جي سربلندي لاءِ لازوال قربانيون ڏيندڙ حضرت امام حسين عليھ سلام ۽ سندس | جانثارن جي ياد ۾ سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ عزاداري جو سلسلو جاري آهي، مختلف شهرن مان نائين محرم الحرام جا ماتمي جلوس | برآمد ٿي رهيا آهن. ڪراچي ۾ نشتر پارڪ مان نائين محرم جو مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ٿيو کارادر جي امام بارگاھ حسينيھ | ايرانيان ۾ نهر ٿيندو اسلام آباد، پشاور، لاهور ۽ ڪوئيٽا مان به ماتمي جلوس برآمد ٿي رهيا آهن. روهڙي جي تاريخي شمع گل ماتمي | جلوس ۾ لکين عزادار شريڪ ٿيا، پيھ دوران ساھ ٻوساٽجڻ سبب هڪ عزادار آغا شاهزيب پٺاڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ٽنڊو محمد خان ۾ برسات تباهي مچائي ڇڏي، پاڻي گهرن ۽ دڪانن ۾ داخل

چوماسي جي وسڪارن ڪاپوسو، ٽنڊو نور محمد شهر سڪرنڊ روڊ، شهر جو ڀيل روڊ، روهڙي روڊ، پراڻو سڪر، ريلوي اسٽيشن ۽ ڪينٽا گهر پاڻي ۾ ٻڏي ويا

برساتي پاڻي گهرن ۽ دڪانن ۾ داخل ٿي ويو آهي، انتظاميا پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪو به قدم نه کنيو

ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ پوندڙ برسات تباهي مچائي، ضلعي چيئرمين ڊرا ڪرڻ ۽ ميونسپل چيئرمين گاڏي تي چڙهي فوٽو سيشن ڪندو رهيو

ٽنڊومحمدخان: تيز برسات سبب شهر پاڻي ۾ ٻڏل نظر اچي رهيو آهي

پاڪستان تحريڪ انصاف جو چيئرمين عمران خان توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ پيش

چيئرمين پي ٽي آءِ خلاف 2 آگسٽ تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويندو، چيئرمين پي ٽي آءِ اينڊر ٽرائي تي پيش ٿيندو: اليڪشن ڪميشن

پي ٽي آءِ چيئرمين ذاتي حيثيت ۾ ڪميشن آڏو پيش ٿيو، سندس وڪيل استدعا ڪئي ته وڌ ڪيس جو رڪارڊ ناهي

وڪيل درخواست ڪئي ته رڪارڊ وٺي ڪيس تيار ڪيو وڃي، اها درخواست منظور ڪئي وئي

ڪراچي ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، 2 جوابدار گرفتار

ڪارروائي خداجي بستي، نادرن بائي پاس، بند مراد ۽ سرجاني ٽائون جي علائقي ۾ ڪئي وئي

آپريشن دوران 79 شڪي ماڻهن جي ڳولا ۽ 2 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو: سي ٽي ڊي ترجمان

چيف جسٽس جي مقرري جو معاملو

چيف جسٽس جوڊيشل ڪميشن جو

اجلاس 2 آگسٽ تي طلب ڪري ورتو

نيو سعيد آباد جي وارڊ 3 واسي پوليس اهلڪار جي ڌيءُ ۽ پٽ مبينا اغوا

وزيراعظم شهباز شريف هڪ

ڏينهن جي دوري تي گڏيل

عرب امارات پهچي ويو

ٽرمپ تي گهر جي سرويلنس ويڊيو غائب ڪرڻ جو الزام عائد



حضرت امام حسين جي قرباني پنهنجي ناني جي دين جي بقا لاءِ آهي: شاھ محمود قريشي

اسان ڪي سويڊن ۾ ٿيل واقعي تي گڏجي هڪ پلان آف ايڪشن ناهڻو پوندو

ڊنمارڪ ۽ سويڊن واقعن جي سخت مذمت ڪريون ٿا. هن اهو به چيو آهي ته حق ۽ انصاف جي جنگ جاري رهندي

سويڊن جو واقعو دل ڏاريندڙ آهي جنهن تي او آءِ سي آواز اٿاريو آهي: تحريڪ انصاف اڳواڻ

ملتان (م ع) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاھ محمود قريشي چيو آهي ته امام حسين جي | قرباني پنهنجي نانا جي دين جي بقا لاءِ آهي. ملتان ۾ سيمينار کي خطاب ڪندي شاھ | محمود قريشي چيو ته سويڊن جو واقعو دل ڏاريندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

مارجي ويل ڏاڙيل ڊي ايس پي سميت 5 اهلڪارن جي شهادت ۾ ملوث هئا: امجد شيخ

مارجي ويل ڏاڙيلن مان 5 ڄڻن جانو انڊڙ، سومر شر، نظرو شر، شهزادو دشتي ۽ مشيرو انڊڙ جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي

ڏاڙيلن کي مارڻ واري پنجاب پوليس جي دعويٰ غلط آهي، مارجي ويل 8 ڏاڙيلن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل آهن

مارجي ويل 8 ڏاڙيلن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل آهن، ڏاڙيلن سان مقابلو اڃا جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي ڪشمور ڪنڌڪوٽ امجد شيخ ٽائيم نيوز سان | ڳالهائيندي چيو آهي ته مارجي ويل ڏاڙيل گهوٽڪي ۾ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ اوز سميت 5 | پوليس اهلڪارن جي شهادت ۾ ملوث هئا. ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پنجاب ۾ بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي جديد گاڏيون ڏنيون ويون آهن: محسن نقوي

موجوده صورتحال ۾ سول ڊفينس جي اهميت پهرين کان وڌيڪ آهي

ڊسپوزل اسڪواڊ کي جديد اوزارن جي تربيت پڻ ڏني ويندي

بم ڊسپوزل گاڏيون پڪ چنيوٽ، گجرات، حافظ آباد، جهلم، خانيوال ۽ ٻين ضلعن کي ڏنيون ويون آهن

لاهور (م ع) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي چيو آهي ته پنجاب ۾ بم ڊسپوزل اسڪواڊ | کي جديد گاڏيون ڏنيون ويون آهن. پنجاب جي نگران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي

پرڏيهي مٽاسٽا جي ذخيرن ۾ گهٽتائي، اسٽيٽ بئنڪ

21 جولاءِ تي ملڪي پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 13 ارب 53 ڪروڙ ڊالر رهيا

اسٽيٽ بئنڪ جا پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 540 ملين ڊالر جي گهٽتائي سان 8 ارب 18 ڪروڙ ڊالر ٿيا

ڪراچي (رپورٽ) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ڳالهائي ٿي، مرڪزي بئنڪ موجب 21 جولاءِ تي ملڪ جي مجموعي پرڏيهي مٽاسٽا جا ذخيرا 13 ارب 53 ملين ڊالر | مٽاسٽا جي ذخيرن ۾ 530 ملين ڊالر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سيد خورشيد شاھ جي صدارت هيٺ اجلاس

لاڳاپيل ادارا ڏينهن رات الرٽ رهن ۽ گڏيل ڪوآرڊينيشن سان صورتحال جو جائزو وٺندا رهن

برساتي موسم ۾ پاڻي جي صورتحال تي ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي وڃي: پ پ اڳواڻ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڻي وسيلن واري وفاقي وزير سيد خورشيد شاھ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ اسيمبلي ۾ پراجيڪٽ اچرج گڏجي ڪائونٽ ڪرائي، تڪميل تائين پهچي وڃي: خرم شيرزمان

ايم ڪيو ايم، جي ڊي اي ۽ اتحادي ۽ صوبائي اسيمبلي ۽ پيپلزپارٽي جي اپوزيشن جو ڪردار نڀائي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽ) پي ٽي آءِ ڪراچي جي اڳواڻ خرم شيرزمان صوبائي اسيمبلي ۽ اپوزيشن ليڊر جي | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نيب ۾ 2013 کان 4142 ڪيس ۽ انڪوائري شروع

ثبوت گهٽ هجڻ سبب هڪ هزار 606 ڪيس بند ڪيا ويا

راولپنڊي نيب ۾ 261 انڪوائري جي شروعات ڪئي وئي

مارجي ويل ڏاڙيلن جي ساٿارين

پوليس سان گڏ آئيل جنسار

چانڊيو کي قتل ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نيب ۾ 2013 کان 4142 ڪيس ۽ انڪوائري شروع ڪئي وئي، هڪ هزار 606 ڪيس بند ڪيا ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪشمور (رپورٽ) ڪشمور پوليس سان مقابلي ۾ مارجي ويل ڏاڙيلن جي ساٿارين | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اڪرم ابڙو ۽ پٽ جي قتل ۾ اهم اڳڀرائي: گاڏي مالڪ ۽ جوابدار جا 2 مائٽ گرفتار

ڪراچي جي ڊفينس ڏنڌ وارن علائقي ۾ ايم پي اي اسلم ابڙو جي پاءُ ۽ پائيٽي جي قتل جي جاچ دوران اهم اڳڀرائيون ٿيون: پوليس

بلوچستان قرار ڏني ويل مڪ جوابدار جا 2 ويجها مائٽ به گرفتار ڪيا ويا آهن جن کان جوابدارن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي: ذريعا

حملي ۾ استعمال ٿيل ڪار ڪيٽيگري پيرا وڪري جي چڪي آهي، پوليس پارن هيل نائين مجموعي طور 4 جوابدارن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ قتل ٿيل ايم پي اي اسلم ابڙو جي ڀاءُ | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عورت ميمبرن خلاف ڳالهائڻ تي نه ڪليس: شيري رحمان

جيڪڏهن ريمارڪس بدلائي ها ته مداخلت ڪري ها، مون ڪان اها غلطي ٿي وئي

ماحوليات واري منصوبي تي ڪابينا جي اتفاق راءِ جي خوش آهي جنهن ڪان ٻه ڏينهن ان تي ڪم ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي سينيٽر شيري رحمان جي اسيمبلي ۾ ميمبرن خلاف ڳالهائڻ | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پيپلزپارٽي جي سينيٽر شيري رحمان

تازين ٿيندڙ برساتن سبب گڊو بئراج وٽ وچين درجي جي ٻوڏ برقرار

گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 3 لک 78 هزار 792 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو

سکر بئراج ۾ هيٺانهون وهڪرو 3 لک 68 هزار 562 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو

سکر (رپورٽر) تازين ٿيندڙ برساتن سبب گڊو بئراج وٽ وچين درجي جي ٻوڏ برقرار | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سوالن جي وقفي ۾ ڪنهن سوال کي ملتوي ڪرڻ جو نوٽس سبب هجڻ گهرجي: قومي اسيمبلي اسپيڪر جي رولنگ

قومي اسيمبلي اسپيڪر وزيرن ڪان خاطري ڪان پوءِ سوال وقفو ملتوي ڪرڻ سومر تي انهن سوالن جا جواب ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي: مهين رزاق

ملڪ جي آبادي جو 67 سيڪڙو نوجوانن آهي 40 سيڪڙو آهن مان بيروزگار آهن، گڏيل حڪومت نوجوانن کي جيڪي خواب ڏيکاريا آهن انهن جي ساڃاھ نه ڪئي

هي ريو قبول جو ڪونه آهي جي سرڪار سان سوالن جا جواب ڏيڻ تي ڪابينا جا ڪرسيون ڀرڻ لاءِ تيار نه آهن: مريد ڪنر

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سوالن جي وقفي ۾ | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪشمور پوليس جو گهيلپور جي ڪچي ۾ 5 ڏاڙيل مارڻ جي دعويٰ

مارجي ويل ڏاڙيلن ۾ جانو انڊڙ، سومر شر، نظرو شر، شهزادو دشتي، مشيرو انڊڙ شامل

مارجي ويل ڏاڙيل جانو انڊڙ ۽ سلطو شر جي پاءِ نظرو شر تي هڪ ڪروڙ رپيا انعام رکيل هو

پوليس ۽ ڏاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ دوران 2 وانٺڙو پيرنگ امام بخش ميراڻي ۽ آصف ميراڻي زخمي ٿي پيا

ڪشمور (رپورٽ) ڪشمور پوليس طرفان ڪچي ۾ 5 ڏاڙيل مارڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪرپٽ حڪمران ھر پيرو نوان

نوان سبز باغ ڏيکاري عوام کي

بيوقوف بڻائين ٿا: مجاهد چنا

ڪراچي (رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪشمور: مارجي ويل ڏاڙيل جانو انڊڙ، سومر شر، نظرو شر، شهزادو دشتي (فائيل فوٽو)

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي پاران مختلف امام بارگاهن جو دورو

جاويد عالم اوڊو حسينيه ايرانيان امام بارگاھ بغدادي ڪرسنگ، بارھ امام بارگاھ کارادر، امام بارگاھ پي اي سي ايڇ ايس جو دورو ڪيو

ڪراچي پوليس چيف امام بارگاهن جي منتظمين سان ملاقات ڪري سيڪيورٽي ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڊو پنج امام بارگاهن ۽ پرپاسي جي سيڪيورٽي قدمن جو جائزو ورتو

ڪراچي (رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڊو حسينيه ايرانيان امام بارگاھ | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان نئين چونڊيل بيگم ڪمشنر ڪونسل رجسٽرار ڪئي...

لاهور: جماعتي اسلامي جو امير سراج الحق پريس ڪانفرنس ڪندي

پوليس پي ٽي آءِ جي ٻن اڳوڻن ايم پي ايز کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو

پوليس پي ٽي آءِ اڳوڻي ايم پي اي چوڌري ظفر کي جيل مان آزاد ٿيڻ بعد ٻيهر گرفتار ڪري ورتو

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي ايم پي اي سيمابيه طاهر کي به راولپنڊي مان گرفتار ڪيو ويو

سيمابيه طاهر تي 9 مئي جي پرتشدد واقعن ۾ ملوث هجڻ تي ڪيس داخل آهي: پوليس ذريعا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پنجاب پوليس پي ٽي آءِ جي ٻن اڳوڻن ايم پي ايز کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نگران وزيراعظم لاءِ اسحاق ڊار جو نالو ڪنهن به پيش نه ڪيو: رانا ثناءالله

اهو چوڻ درست ناهي ته اسحاق ڊار جو نالو نگران وزيراعظم لاءِ آيو ۽ ان کي رد ڪيو ويو

نواز شريف جلد وطن واپس ايندو ۽ حفاظتي بانڊ ڪنندو ۽ عدالتن ۾ پيش ٿيندو ۽ بري ٿيندو

اهو نٿو چئي سگهجي ته امن امان جي صورتحال خراب آهي پر خيبرپختونخواھ ۾ دهشتگردي عروج تي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ وفاقي وزير داخلا رانا ثناءالله چيو آهي ته اهو چوڻ | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ايم ڪيو ايم لنڊن جي

ڪارڪن جي نظربندي، 31

جولاءِ تائين جواب طلب

ڪراچي (رپورٽ) سنڌي هاءِ ڪورٽ ايم ڪيو ايم لنڊن جي ڪارڪن جي نظربندي خلاف درخواست تي سنڌ سرڪار کان 31 جولاءِ تائين جواب طلب ڪري ورتو | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺل: ڳڙهي حسن سرڪي ٿاڻي جو پوليس اهلڪار مائٽ سميت مبينا اغوا

ٺل (رپورٽر) ڳڙهي حسن سرڪي ٿاڻي جو پوليس اهلڪار مائٽ سميت مبينا اغوا ٿي ويو، مبينا | اغوا ٿيل پوليس اهلڪار ۽ مائٽ جي وارثن جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

❀❀❀ موڪل جو اعلان ❀❀❀

روزاني سنڌ يار ڪراچي / سکر جي هيڊ سميت آفيس سمورين آفيسون يوم عاشور 10 محرم الحرام تي بند رهندي، سمورا رپورٽر 11 محرم 30 جولائي تي خبرون ۽ اشتهار موڪلي ڏين، پهرين آگسٽ تي اخبار شائع ڪئي ويندي.

(ادارو)

يوم عاشور، ڪراچي پوليس جو سيڪيورٽي پلان تيار

عاشوره تي 15 هزار 287 آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا

مجلسن تي 783 آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي تي مقرر هوندا

ڪراچي (رپورٽ) ڪراچي پوليس يوم عاشور لاءِ سيڪيورٽي پلان ترتيب ڏئي ڇڏيو آهي، ڪراچي پوليس پلان مطابق يوم عاشور تي 15 هزار 287 آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا، ڪراچي شهر جي 62 امام بارگاهن کي انتهائي حساس، 305 کي حساس قرار ڏنو ويو آهي | /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: 9 محرم الحرام مرڪزي جلوس نشتر پارڪ وٽان گذري رهيو آهي

هاڪڙي درياءَ جي گنڊريل ڏينهن لڙهي ويل گيٽ جو ڪم سست روي جو شڪار

آبپاشي عملو ايل بي او ڊي جي پاڻي کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌي نه سگهيو آهي: ذريعا

نئون ڪوٽ جي شهري آبادي سميت ڪلوئي جي ٻڏڻ جو خطرو برقرار

ايل بي او ڊي اسپائنل ڊرين ۾ جي پاڻي ۾ به لاٿ نه آئي، پاڻي جو چاڙهه خطرناڪ حد تي پهچي ويو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) هاڪڙي درياءَ جي گنڊريل ڏينهن لڙهي ويل گيٽ جو ڪم سست روي جو شڪار، ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود آبپاشي عملو ايل بي او ڊي جي پاڻي کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌي نه سگهيو. جڏهن ته ايل بي او ڊي جو پاڻي تيزي سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نئون ڪوٽ: ايل بي او ڊي اسپائنل ڊرين جو سستي رفتاري سان هلندڙ ڪم جو ڏيک

سکر ۾ برساتي پاڻي نيڪال
ٿي نه سگهيو، 3 فوٽ تائين
پاڻي بيٺل

سکر رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سکر شهر ۾ برساتي پاڻي نيڪال ٿي نه سگهيو، براڻو سکر جيل روڊ شاليمار گهنٽا گهر ريلوي اسٽيشن روهڙي ۽ سکر کي ڳنڍيندڙ روهڙي پل تي ٽي فوٽ کان وڌيڪ برسات جو پاڻي اڃان تائين بيٺل آهي سکر جي اڪثر علائقن قريشي گوٺ ملٽري روڊ سبزي منڊي ۾ به پاڻي بيٺل آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دي سي آفيس جي گيٽ تان چور تپيدار جي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا

موٽر سائيڪل گيٽ اڳيان پارڪ ڪري آفيس مان ڪم ڪار لاءِ ٻاهر نڪتو

سيشن ڪورٽ بدين جي گيٽ تان پڻ شاهينگ شهري جي موٽر سائيڪل کاهي ويا

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) ڊي سي آفيس جي گيٽ تان چور تپيدار جي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا تفصيل موجب ڪالهه ٻن پهرن ڌاري تر جو تپيدار محمد قاسم ڪنڀار ڪم سان ڊي سي آفيس آيو موٽر سائيڪل گيٽ اڳيان پارڪ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

اوباوڙو ۾ محرم جي حوالي سان سيد اسرا حسين شاهه جي حويلي کان ماتمي جلوس

سيد احمد شير جي امام بارگاهه پهتو اوباوڙو جي عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

زنجير جي چاڪو ۽ مجلين جو آزادانا استعمال ڪيو ويو سيڪيورٽي جا بندوبست سخت ڪيا ويا

اوباوڙو (رپورٽ: غلام علي رند) اوباوڙو ويجهو سچي ملڪ جيٺان 9 محرم الحرام جي حوالي سان سيد اسرا حسين شاهه جي حويلي کان جلوس برآمد ٿي پڪو ڳوٺ سيد احمد شير جي امام بارگاهه پهتو اوباوڙو جتي عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

اوباوڙو: 9 محرم الحرام جي حوالي سان نڪتل ماتمي جلوس جو ڏيک

دادو جي مرڪزي امام بارگاهه حيدري جي حيدري اسڪائوٽ پاران گشت ڪري فليگ مارچ

اسڪائوٽ چيئرمين سيد عبادت حسين شاهه مرڪزي انجمن حيدري جي اڳواڻن پاران مارچ ڪيو ويو

اڳواڻي زوار ذيشان علي چاڻ محب علي سخيراڻي، راجا الطاف عباسي عبدالرحمان ميمڻ ۽ ٻين ڪئي

ايس ايس پي عبدالخالق پيرزاده ۽ ڊي ايس پي ڪي ڊي آءِ بي انچارج عبدالستار ميراڻي پاران بريفنگ

دادو (ن سنڌيار) دادو جي مرڪزي امام بارگاهه حيدري جي حيدري اسڪائوٽ پاران 9 محرم الحرام جي موقعي تي شهر جو گشت ڪري فليگ مارچ ڪيو ويو فليگ مارچ جي قيادت اسڪائوٽ چيئرمين سيد عبادت حسين شاهه مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪربلا جي شهيدن کي پيتا
پيش ڪرڻ لاءِ خانپو شهر ۾
ماتمي جلوس برآمد

خانپور (رپورٽر) ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ خانپو شهر ۾ الين محرم تي درگاهه طالب شاهه بخاري انجمن حيدري آغائي محلا ڪنورا شهيد وڏاشهيد درگاهه ارباب شاهه درگاهه نانگي شاهه امام بارگاهه علمدار امام بارگاهه ڪاظمين ۽ ٻين امام بارگاهن کان ماتمي جلوس نڪتا سوين عزادارن جي شرڪت نوحا خوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو: 9 محرم الحرام جي ماتمي جلوس ۾ پوليس اهلڪار الرٽ بيٺل آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ 8 محرم الحرام شهيد ڪربلا شهزادا علي اڪبر ع جي ياد ۾ جلوس برآمد

دلاور شاهه جي پڙ شوڪت ڪالوني کان امام بارگاهه الحسيني پهتو جتي مجلس عزا منعقد ٿي

عزادارن پاران سينا زني ۽ زنجير زني جو ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پرسو پيش ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (مظفر علي بروهي) 8 محرم الحرام شهيد ڪربلا شهزادا علي اڪبر ابن امام حسين عليه السلام جي نسبت سان سيد دلاور شاهه جو پڙ شوڪت ڪالوني کان امام بارگاهه الحسيني پهتو جتي مجلس عزا منعقد ٿي مجلس کي خطاب ڪندي علامه محمد عباس نقوي ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي مجلس عزا بعد عزادارن پاران سينا زني ۽ زنجير زني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

جهڏو ۾ صحابهءِ ڪرام جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ جوابدار پوليس هٿان گرفتار

شان بلوچ پاران سوشل ميڊيا تي صحابهءِ ڪرام جي شان ۾ گستاخي ڪئي وئي

اهل سنت جماعت جهڏو جي صدر حافظ عبدالمجيد جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ صحابهءِ ڪرام جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ جوابدار کي پوليس گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جهڏو جي غلام حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

روهڙي مان 550 سالا تاريخي ماتمي جلوس برآمد، ياحسين ع جون صدائون بلند

نائين محرم الحرام جي رات جو شاهه خرسان امام بارگاهه کان ڪربلا مولا وارو تعزيو نڪتو

شمع گل جي ماتم ۾ رش ۽ گهٽ سبب هڪ عزادارن فوت ۽ 12 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا

سکر رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) روهڙي مان ساڍا پنج 550 سؤ سال تاريخي ماتمي جلوس برپا ڪيو ويو جنهن ۾ لکين عزادارن جي شرڪت ڪربلا جي شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڏس ۾ نائين محرم الحرام جي رات جو دير سان شاهه خرسان امام بارگاهه کان ڪربلا مولا وارو تعزيو برآمد ڪيو ويو، زيارت ڪرڻ لاءِ روهڙي جي مختلف بازارو ۽ ميدانن تي لکين ماڻهون موجود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڏوڪري الحسيني امام بارگاهه مان ماتمي جلوس برآمد، 20 کان وڌيڪ ماتمي جلوس برآمد

مختلف علائقن مان 20 کان وڌيڪ ماتمي جلوس شهر جي شاهي بازار حيدر چوڪ تي برآمد ڪيا ويا

يزيد کي بدترين شڪست نصيب ٿي مجلس بعد چاڪن، گرزن ۽ زنجير زني ڪري عزاداري ڪئي وئي

ڏوڪري تعلقي اسپتال ۾ فرسٽ ايڊ ڏني وئي آهي جڏهن ته لنگر نياز ۽ سبيلن وراهڻ جو اهتمام ڪيو ويو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري الحسيني امام بارگاهه مان ماتمي جلوس برآمد ٿيو جيڪو شاهي بازار پهتو جتي مجلس عزا منعقد ڪئي وئي. ڏوڪري ۾ 9 محرم الحرام جو ماتمي جلوس الحسيني امام بارگاهه کان برآمد ٿيو جلوس ۾ مومن عزاداري ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پرپور پيتا پيش ڪئي ڏوڪري جي مختلف علائقن مان 20 کان وڌيڪ ماتمي جلوس شهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪنڊڪوٽ جي ممتاز محلي مان
صحافي غلام عباس جي گهران
ماتمي جلوس بر آمد

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ جي ممتاز محلي مان صحافي غلام عباس هاشمي، غريب آباد مان راجا پرويز جي گهران ماتمي جلوس بر آمد ڪيو ويو. ڳوٺ سردار حيدر علي خان جکراڻي، ڪنڊڪوٽ جي مرڪزي امام بارگاهه ۾ قديمي نڪرندڙ قاسم جي مهندي جو ماتمي جلوس بر آمد ٿيو صحافي فقير نظير احمد ميراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڏوڪري: 9 محرم الحرام جي حوالي سان ڪرايل مجلس عزا کي ذاڪر خطاب ڪري رهيو آهي

سکر پوليس نوشهروفيروز جي 2 ڄڻن کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو

پوليس ٽيڪنالاجي زريعي پنهين ڄڻن کي اغوا کان بچائي ورتو آهي

ضلعي نوشهروفيروز جي علائقي محرابپور جا رهاڪو آهن: سکر پوليس

سکر رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جي ترجمان موجب پوليس ڪاروائي ڪندي ضلعي نوشهروفيروز جي رهاڪو ٻن ڄڻن شهريار راجپر ۽ نذير سهتي کي اغوا ٿيڻ کان بچايو ورتو تفصيل موجب سکر پوليس نوشهرو فيروز جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ علي خان رند جي پنجتني امام بارگاهه انجمن شاهه ۾ مجلس منعقد

مجلس ۾ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ساٿين جي ڏنل لازوال قربانين تي روشني وڌي

عزادارن ٿانڊن تان گذري ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ڪري ماتم ڪيو ياحسين جون صدائون

روشن آباد، سانگي ڦراهو، نفيس نگر، فضل پنهور ۽ ٻين شهرن کان قافلن ۽ ماتمي جلوسن شرڪت ڪئي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ علي خان رند جي پنجتني امام بارگاهه انجمن شاهه نجف پاران محرم الحرام جي موقعي تي مجلس منعقد ڪئي وئي جنهن کي علامه ارشاد شاهه، علامه امداد علي هلائي ۽ ميرل حسين لغاري خطاب ڪندي حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ساٿين جي ڏنل لازوال قربانين تي روشني وڌي جنهن بعد 2 رڪعتون نفل زيارت امام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽائون ڪميٽي مڪلي جي چيئرمين
پاران وارڊ نمبر 07 شاهه لطيف
ڪالوني جو دورو

ٺٽو (رپورٽر) ٽائون ڪميٽي مڪلي جي چيئرمين پير زين العابدين شاهه جيلاني مڪلي جي مختلف علائقن جو دورو ڪرڻ بعد مڪلي جي وارڊ نمبر 07 شاهه لطيف جالوني مڪلي پهتو جتي شهرين ڪيس صفائي سٿرائي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ جون شڪايتون ڪيون. جتي ٽائون ڪميٽي مڪلي جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نئون ڪوٽ: 9 محرم الحرام جي حوالي سان هڪ عزادار باهه تي ماتم ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان جي قليلي ڪينال ۾ 17 ورهين جو نوجوان وهنجندي فوت

پوليس ۽ علائقي واسي وڏي انگ ۾ پهچي نوجوان جي ڳولها شروع ڪري ڇڏي

اطلاع تي سنڌن گهر ۾ ماتم بپا ٿي ويو امڙ ۽ ڀينرن کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا

ٽنڊو محمد خان (مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي قليلي ڪينال ۾ 17 ورهين جو نوجوان ڪامران لغاري وهنجندي ٻڏي ويو اطلاع ملڻ تي ٽنڊو محمد خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان: ٽوپا قليلي ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش ڳولي رهيا آهن

سرحد پرسان پنج ڏينهن اڳ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيل پيرسن ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ دم ڏنو

ڄام محمد علي لکڻ ۾ عباسي ۽ لکڻ برادري ۾ هلندڙ چڪتاڻ تان محمد اسماعيل لکڻ زخمي ٿيو هيو

طبي امداد فراهم ڪرڻ لاءِ سکر کان ڪراچي ريفر ڪيو ويو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

بي گناهه قتل ڪيل محمد اسماعيل لکڻ جي جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

سرحد (غلام عباس مهر) سرحد پرسان پنج ڏينهن اڳ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيل 50 سالا محمد اسماعيل لکڻ ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو. سنڌس جو مڙهه ايمبولينس ذريعي ڳوٺ نور لکڻ ۾ آندو ويو وارثن تعزيت جو سلسلو هلندڙ خبر موجب پنج ڏينهن اڳ پيار جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين ۾ نائين محرم جي رات ڌاڙي جي واردات، ڌاڙيلن پاران گهر ڌياڻي کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ

جاويد اقبال شاهه جي گهر ۾ نامعلوم ڌاڙيلن گهڙي گهر موجود ڀاتين کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪئي

الماڙين جا تالا ڪولي لکين روپين جي ماليت جو سون روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي روانا ٿي ويا

بدين پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي (ذريعا) ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ نائين محرم جي رات ڌاڙي جي واردات ڌاڙيل گهر ڌياڻي کي يرغمال بڻائي لکين روپين جو سون روڪ رقم ۽ قيمتي سامان کڻي ويا تفصيل موجب بدين شهر جي علائقي گلشن الطاف وارڊ نمبر 11 ۾ نائين محرم جي رات رهواسي جاويد اقبال شاهه جي گهر ۾ نامعلوم ڌاڙيلن گهڙي گهر موجود جاويد اقبال جي گهر واري کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو ۽ مڪلي ۾ تي مجلس عزا، جلوس عزا ۽ عزاداري جو سلسلو جاري

مرڪزي امام بارگاهه شاهه نجف، امام بارگاهه بخاري، امام بارگاهه علو شاهه تان جلوس نڪتو

تربيت يافته عملي سان گڏ ريسڪيو 1122 ايمبولينس سروس کي به مقرر ڪيو ويو آهي

ضلعي انتظاميه سمورا انتظام مڪمل ڪرڻ سميت سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽر) يوم عاشوري جي حوالي سان ٺٽو ۽ مڪلي تي ۾ مجلس عزا، جلوس عزا ۽ عزاداري جو سلسلو جاري آهي. جڏهن ته مرڪزي امام بارگاهه شاهه نجف، امام بارگاهه بخاري، امام بارگاهه علو شاهه مست، امام بارگاهه قدم گاهه مولا علي عليه السلام، امام بارگاهه جاگير علي اڪبر عليه السلام سميت ٻين امام بارگاهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽو ۽ مڪلي تي ۾ مجلس
عزا، جلوس عزا ۽ عزاداري جو
سلسلو جاري

ٺٽو (رپورٽر) يوم عاشوري جي حوالي سان ٺٽو ۽ مڪلي تي ۾ مجلس عزا، جلوس عزا ۽ عزاداري جو سلسلو جاري آهي. جڏهن ته مرڪزي امام بارگاهه شاهه نجف، امام بارگاهه بخاري، امام بارگاهه علو شاهه مست، امام بارگاهه قدم گاهه مولا علي عليه السلام، امام بارگاهه جاگير علي اڪبر عليه السلام سميت ٻين امام بارگاهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: پ پ اڳواڻ رياض حسين شاهه شيرازي ماتمي جلوس ۾ پوليس اهلڪارن سان ڳالهائي رهيو آهي

محرم الحرام جي موقعي تي سکر پوليس سيڪيورٽي جا انتظام سخت

جلوسن جي نگراني سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي مانيٽرنگ ڪئي وئي

ليڊيز پوليس اهلڪار به ان سيڪيورٽي جي نگراني ۽ تلاشي لاءِ مقرر ڪيون ويون

سکر رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) محرم الحرام جي موقعي تي سکر پوليس سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا 2000 هزار پوليس اهلڪار آفيسر 200 رينجرس جا اهلڪار آرمي جا فوجي جوانآفيسرن ۽ الرٽ ۽ 400 کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر ۾ شهيد ڪربلا حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ان جي جانثارن جي ياد ۾ جلوس نڪتو

روهڙي ۾ منڊي ڪٻڙ جي پڙ تان 500 سالا قديمي 9 ڊالا ضريع اقدس ڪربلا مولا برآمد ڪيو ويو

ماتمي جلوس روهڙي جي شاهي بازار، چبوترا چوڪ وار مبارڪ گهٽي، ڏڪي بازار مان جلوس نڪتو

خارجي رستا 8 محرم کان ڪنديدار تارون هٽي ۽ روڊن تي ڪنٽينر ۽ ٻيون گاڏيون بيهاري بند ڪيو ويو

سکر (رپورٽر) شهيد ڪربلا حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ان جي جانثارن جي ياد ۾ 9 محرم الحرام تي روهڙي ۾ منڊي ڪٻڙ جي پڙ تان 500 سالا قديمي 9 ڊالا ضريع اقدس ڪربلا مولا برآمد سجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

چيلهار چورين رکجي نه
سگهيون چور سونا زيور ۽
لکين رپيا بهاري ويا

مٺي (رپورٽر) چيلهار چوريون رکجي نه سگهيون چور سونا زيور ۽ لکين رپيا بهاري ويا مهراج پاڙو چيلهار ۾ رات چورن سنتوش مهراج جي گهر ۾ داخل ٿي اندر پيل سونا زيور ڏوهري ۽ ٻيا ويه تولن جا ۽ پندرهن لک روڪ رقم بهاري ويا پوليس جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي ايستائين چورن جو پتو نه پئجي سگهيو آهي ياد رهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر: روهڙي جو قديمي ماتمي جلوس ۾ عزادار ماتم ڪري رهيا آهن

"مٽي چو ٿر ڪٽين": خانپور جوٽيجو ۾ جانوري برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي

وچ شهر ۾ مٽي ڪٽڻ جي معمولي ڳالهه تان جانوري برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران ڏنڊا لڳڻ دوران 4 ڄڻا زخمي، زخمين ۾ فقير شمن ڪاشف شاهد نيڪ محمد شامل

ڪڪڙ (رپورٽر) خانپور جوٽيجو ۾ مٽي چو ٿر ڪٽين جانوري برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي اسپتال داخل جوابدار آزاد خبر موجب ڪڪڙ ٿاڻي جي حد خانپور جوٽيجو ۾ وچ شهر ۾ مٽي ڪٽڻ جي معمولي ڳالهه تان جانوري برادرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪڪڙ: ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي بعد زخمي ٿيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ايس ايس پي شڪارپور پاران 10 محرم الحرام لاءِ سيڪيورٽي پلان جاري، 77 جلوس برآمد

1800 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار ۽ 300 رينجرز اهلڪار پڻ مقرر ڪيا ويا، ليڊيز پوليس اهلڪار مقرر

ليڊيز مجالس ۾ 12 ليڊيز پوليس اهلڪارن سميت 231 ليڊيز هيلٿ ورڪرز کي مقرر ڪيو ويو آهي

وال چاڪنگ ۽ لائوڊ اسپيڪر ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: ايس ايس پي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ پاران 10 محرم الحرام لاءِ سيڪيورٽي پلان جاري. شڪارپور ۾ 10 محرم الحرام تي 94 مجالس ۽ 77 جلوس برآمد ٿيندا، جڏهن ته 1800 پوليس آفيسر ۽ اهلڪار ۽ 300 رينجرز اهلڪار پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. محرم الحرام تي ضلعي جي مختلف چوڪن تي 3300 پوليس آفيسر ۽ جوان، 300 رينجرز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين جي علمي ادبي ۽ ليکڪن جي وفد پاران رائچند راٺوڙ لائبريري جو دورو

سماج سڌارڪ خادم ٽالپر جي اڳواڻي ۾ ٿر جي شهر چيلهار ۾ لائبريري جو دورو ڪيو ويو

مٺي عمرڪوٽ روڊ تي چيلهار ۾ شاندار لائبريري اتان جي علم دوست ساٿين قائم ڪئي آهي

دوستن وڌيڪ ڪتابن جي ضرورت محسوس ڪندي اپيل ڪيون ٿا ته ڪتاب ڊونيٽ ڪيا وڃن

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي علمي ادبي ۽ ليکڪن جي هڪ وفد ناليواري استاد اديب لکاري ۽ سماج سڌارڪ خادم ٽالپر جي اڳواڻي ۾ ٿر جي شهر چيلهار ۾ رائچند راٺوڙ لائبريري جو دورو ڪيو. ساٿين رائچند راٺوڙ جيڪو هڪ استاد اديب شاعر سماج سڌارڪ ٿر جي تاريخ تاريخ ريگستان جوليڪ هو ان جي نالي سان مٺي عمرڪوٽ روڊ تي چيلهار ۾ شاندار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر ۾ برسات جو پاڻي صرف گهنٽا گهر واري علائقي مان نيڪال نه ٿي سگهيو

ملٽري روڊ، قريشي ڳوٺ، ٻچل شاهه مياڻي، شاليمار ڪان جيل روڊ برسات متاثر ٿي ويا

عملدارن جي غفلت ۽ نااهلي سبب سکر شهر جي مختلف علائقن ۾ برساتي پاڻي بيٺل آهي

سکر (رپورٽر) سکر ۾ پيل برسات جو پاڻي صرف گهنٽا گهر واري علائقي مان نيڪال نه ٿي سگهيو 24 ڪلاڪ گذري وڃڻ باوجود ايوب گيٽ، ملٽري روڊ، قريشي ڳوٺ، ٻچل شاهه مياڻي، شاليمار ڪان جيل روڊ سميت ٻرساتي سکر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين ۾ ڦورن فقير کي بخش نه ڪيو، هزارين رپيا ڦر مارڪيٽ ۾ فقير سخت زخمي

هٿيارٻند ڄمڙو ملاح جي گهر ۾ جوابدارن گهڙي ڪيس سخت مارڪٽ ڪري ڦرلٽ ڪئي

درگاهه مغربين جو خليفو آهي گذريل 4 سالن کان بدين شهر ۾ خيرات وٺندو آهيان: ڄمڙو ملاح

ڪمبل ڪپڙن جا جوڙا مڇي مارڻ جا رڄ ڦري مونکي مارڪٽ ڪري رتورت ڪري پڇي ويا آهن

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ڦورن فقير کي بخش نه ڪيو هزارين رپيا ڦر مارڪيٽ ۾ فقير سخت زخمي تفصيل موجب بدين ۾ حيدرآباد روڊ تي پراڻي بس اسٽاپ وٽ قتل دڪانن ۾ رهندڙ نقير ڄمڙو ملاح جي گهر ۾ جوابدارن گهڙي هزارين رپيا روڪ رقم ۽ قيمتي ڪمبل ۽ ڪپڙن جا جوڙا ڦر ڪري پڇي ويا فقير ڄمڙو ملاح صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خيرپور جي عدالت ٻيرلو ۽ ٿاڻي جي ٻن
قتل ڪيسن سميت 4 ڪيسن ۾
جوابدار اشتهاري قرار

ٻيرلو (رپورٽر) خيرپور جي عدالت ٻيرلو ٿاڻي جي ٻن قتل ڪيسن سميت چئن ڪيسن ۾ روپوش ماءُ پٽ سميت پنج جوابدار اشتهاري قرار ڏيئي ڇڏيا، سنڌن ملڪيت ضبط ڪرڻ جو حڪم. تفصيل مطابق خيرپور جي ٿرڊ سول جج عبدالجبار جي عدالت ٻيرلو ٿاڻي جي ٻن الڳ الڳ قتل ڪيسن سميت چئن ڪيسن ۾ روپوش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: ڦيٽو فقير ڦر ۽ تشدد ڪندڙن خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ محرم جي سلسلي ۾ مجلسون ماتمي جلوس برآمد

پنڌرهن کان وڌيڪ ذوالجناح علم پاڪن سيجن تابوتن سان ماتمي جلوس

علي اڪبر مگسهار اسلم مگسهار انور مگسهار عابد علي مگسهار راجا غضنفر شريڪ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ محرم احرام جي سلسلي ۾ مجلسن ماتمي جلوس ۽ عذادرين جو سلسلو جاري ٽنڊو محمد خان شهر اندر پنڌرهن کان وڌيڪ ذوالجناح علم پاڪن سيجن تابوتن سان ماتمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دريا خان مري ۾ اسلام جي سربلندي لاءِ ڪربلا جي ميدان ۾ جانين جا نذرانا پيش ڪيا ويا

ماتمي جلوس شيعا اڳواڻ مولانا علي مراد حقاني غلام حسين مري جي اڳواڻي ۾ ماتم ڪيو ويو

مولانا مريد عباس نوناري مولانا علي مراد حقاني مولانا ضمير حسين ڪوڪر مجلس پڙهندي، انتظام سخت

303 کان وڌيڪ پوليس اهلڪار ۽ رينجرز جي جوان ماتمي قافلي جي روٽ تي ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيا آهن

دريا خان مري (رپورٽر) اسلام جي سربلندي لاءِ ڪربلا جي ميدان ۾ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪرڻ تي ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٽ لالو مان نڪتل مرڪزي ماتمي جلوس شيعا اڳواڻ مولانا علي مراد حقاني غلام حسين مري امام بخش عمراڻي ظهير حسين مري ۽ ٻين شيعا مومنين جي اڳواڻي ۾ مرڪزي ماتمي جلوس ڪڍيو ويو مومنين پاران يا حسين يا حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

چتوچند لگ نٿي جو جهونو ورڪر
ڪامريڊ شفيع محمد بروهي بستري
پيڙو ٿي ويو

ٺٽو (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ٺٽي جو جهونو ورڪر چتوچند لگ سدابهار واسي ڪامريڊ شفيع محمد بروهي ڪافي وقت کان بيماري ۾ ورنجي رهڻ بعد بستري پيڙو ٿي هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي ويو آهي. ۾ پ پ جي مرڪزي، صوبائي ۽ ضلعي قيادت ۽ سنڌس سار ناهي لڌي، بستري پيڙو ٿيل پ پ جي جهوني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دريا خان مري: 9 محرم الحرام جي ماتمي جلوس جو ڏيک

ڪراچي جي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله جي ڏاڏي جي لاڏاڻي تي تعزيت جو سلسلو هلندڙ

پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻن، سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن وارثن سان تعزيت ڪئي

حاجي علي مراد جي وچوڙي تي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد سان تعزيت ڪئي ۽ دعا گهري

ملير (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر شهيد عبدالله مراد جي والد ۽ ڪراچي جي ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد جي ڏاڏي حاجي علي مراد جي وچوڙي تي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي اڄ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ملير: ڊپٽي ميئر سان سنڌس ڏاڏي جي وفات تي پ پ اڳواڻ تعزيت ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي جي ڊي سي پاران امڪاني ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ حفاظتي انتظام ڪرڻ جون هدايتون

ايريا واٽر بورڊ ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن کي حفاظتي بندن جي نگراني ڪرڻ جون هدايتون جاري

درياءَ ۾ امڪاني ٻوڏ جي پيش نظر سمورا حفاظتي انتظام مڪمل ڪيا وڃن: محمد عثمان عبد

گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿيون وهڪرو 3 لک 86 هزار 7 سئو ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي: آبپاشي عملدار

گهوٽڪي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جو امڪاني ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورا حفاظتي انتظام ڪرڻ جو حڪم. ڊائريڪٽر ايريا واٽر بورڊ ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئرن کي حفاظتي بندن جي نگراني ڪرڻ جون هدايتون جاري. تفصيل موجب نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي پاران فلڊ الرٽ جاري ٿيڻ بعد ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي محمد عثمان عبد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ايل بي او ڊي سم نالي کي گهارو، ڳوٺ پاڻي هيٺ، ڊورو پراڻ وچم ناهيل دروازو لڙهي ويو

اربين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل منصوبي بابت رهواسين جو گهاري هنڌ احتجاج ڪيو ويو

سماجي اڳواڻ علي نواز دلواڻي سوين ڳوٺاڻن سان گڏجي گهاري واري هنڌ پهچي ويو، احتجاج ۾ شرڪت

پڙهيل لکيل انجنيئرن منصوبي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪري تباهي ڪئي آهي: علي نواز دلواڻي

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) ايل بي او ڊي سم نالي کي گهارو ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ تازو ايل بي او ڊي سم نالي ۾ ڊورو پراڻ وچم ناهيل دروازو لڙهي ويو اربين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل منصوبي بابت رهواسين جو گهاري هنڌ احتجاج جوڊيشل انڪوائري جو مطالبو تفصيل موجب ايل بي او ڊي سم نالي کي آر ڊي 261 وٽان گهارو پئجي ويو آهي جيڪو ايل بي او ڊي ۽ پراڻ سم ڊوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 29 جولاءِ 2023ع

امن امان جي فول پروف انتظام جي ضرورت

سنڌ ۾ امن امان جون حالتون تمام گهڻيون خراب آهن. بهرحال، ۽ امن کي امان ناهي، اتي ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين، ماڻهن جو جينجنال ڪري ڇڏيو آهي ۽ هر شهر ۾ ڌوهارين جي نشاني تي آهن. محرم الحرام وارن ڏهاڙن ۾ سخت سيڪيورٽي وارين دعوائن نان ڪراچي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو واقعو چٽو ڪندي گڏري ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ اسيمبلي جي ايم پي اي جي ڀاءُ ۽ ڀائيٽي کي ٽارگيٽ بڻائي قتل ڪيو ويو آهي. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سخت حفاظتي اپاءَ وارين حڪومتي دعوائن جي ڪا به حقيقت ناهي. سنڌ جي ماڻهن کي تحفظ ڏيڻ وارو سوال پيدا ٿئي ٿو. ان وقت انتظامي لاپرواهي ۽ مجرمانه غفلت سبب ڪا چڱڪ ٻيلا پاري سگهي ٿي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ حڪومت جي وس ۾ نه هوندو. ڪراچي، جيڪو ملڪ جو سڀ کان وڏو شهر آهي، ڪاروبار جو مرڪز ۽ امير جو وڏو علائقو آهي، اتي بلٽ پروف گاڏين ۽ سخت حفاظتي نظام جي باوجود ماڻهن جو قتل ٿيڻ سنڌ ۾ امن امان آهي، قانون جي حڪمراني آهي، پراڻ اڪين ڀيو ڏسجي! عوام کي سگهه ڏنا ڏنا نه وڃن. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته، جڏهن محرم الحرام دوران "سخت سيڪيورٽي" آهي، اهڙي صورتحال ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جهڙا واقعا ٿين ٿا، ته ٽارگيٽ ڪلرن کي ڪيئن روڪ ٽوڪ نٿي ٿئي؟ جيڪي ٽارگيٽ ڪلر اهڙا ڪم ڪري اهڙي سيڪيورٽي کي ڪهڙو نالو ڏجي؟ جيڪي ٽارگيٽ ڪلرز کي سگهن ٿا ته دهشتگرد ۽ امن دشمن ماڻهن هنن عزاداري ۽ جلوس وغيره ۾ ڪنهن به نموني مذموم مقصدن جي تڪميل لاءِ پلان ڪري سگهن ٿا. فول پروف سيڪيورٽي بابت حقيقت، ٽارگيٽ ڪلنگ واري صورتحال ۽ دهشتگردي جا خطرات موجود آهن. ان ڳالهه کي ٽارگيٽ ڪلنگ واري واقعي مان پڌري ڪيو ويو آهي. اسانجي ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ حڪومت کي فوري طور قدم کڻڻ گهرجن. دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي ڪري سنڌ ۽ ملڪ کي ڪيترائي نقصان پهتا آهن. پشاور، ڪوئيٽا، ڪراچي، لاهور ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ جيڪي دهشتگرد حملا ٿيا آهن، اهي اسان لاءِ سبق آهن. ان ڪري، حڪومت کي گهرجي ته اها سيڪيورٽي جا اپاءَ سخت ڪري ۽ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائي. دهشتگردن جي خلاف ڪارروائي ڪري ٿي. پوليس ۽ ٻين ادارن کي دهشتگردن ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ گهرجي. ان سان گڏ، عوام کي به پنهنجي ذميواري محسوس ڪرڻ گهرجي. شدت پسندي کي روڪڻ لاءِ سنڌ ۽ ٻين علائقن ۾ دهشتگردي جي بنيادي سببن کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. ان ڳالهه کان انڪار ناهي ته سنڌ ۾ دهشتگردي جي صورتحال ۾ پاڪستان جي ٻين علائقن وانگر ڪا سنگين صورتحال ناهي. پر پوءِ به سيڪيورٽي جي صورتحال تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. سڀني وفاقي ۽ صوبائي ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۽ ملڪ ۾ امن امان لاءِ، جنهن ۾ عوامي نمائندا، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا به اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ان ڪري، حڪومت کي انهن سڀني کي گڏ ڪري هڪ جامع پلان جوڙڻ گهرجي، جنهن سان سنڌ ۾ امن امان قائم ٿي سگهي. جيڪا سنگين صورتحال پيدا ٿي آهي، ان جي ذميواري حڪومت تي آهي، ۽ سنڌ جي ماڻهن جو مطالبو آهي ته عزاداري ۽ ٻين مذهبي تقريبن دوران سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن.
جي چانئٺ ٿيي حقيقي معنيٰ ۾ سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن. هوندن ته سجو سال حڪمران بي ميار آهن، امن امان سان انهن جو ڇا وڃي؟ سنڌ بدامنيءَ جي تحت الثريٰ ۾ سڙندي رهي آهي، پر مخصوص ڏهاڙن ۽ وقتن تي ته ذميواريءَ جو احساس ڪندي فرض شناسيءَ جو مظاهرو ٿيڻ گهرجي!

****

ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيندڙ عورتون ۽ خودڪشيءَ جو رنگ

عائشه ڏاريجو

ڪافي عرصي کان ڏسڻ پيا ته عورتن جا ڪجهه اهڙا ڪيس رپورٽ ٿين ٿا. جن جي سامهون اچڻ سان شڪ ذهن ۾ وڌي ٿو. چو جو ڪيس جا ڪجهه پهلو منجهائيندڙ هوندا آهن. جن تي آهستي آهستي ڪوجنا ڪرڻ شروع ڪريون ٿا. پوليس جو موقف، عورت جي وارثن جو موقف، علائقي واسين جو موقف، اسپتال جي عملي خاص ڪري ڊاڪٽرن جو موقف هڪبئي کان مختلف هوندو آهي. پوليس تڏهن ٿي ڪنهن ڪيس ۾ دلچسپي وٺندي آهي، جڏهن سوشل ايڪٽيوسٽس جو دٻاءُ پوندو آهي. سوشل، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دٻاءُ پوندو آهي. تڏهن ڪيس ۾ نوان رُخ سامهون ايندا آهن . اڪثر ڏٺو ويو آهي ته هاڻ ڪارنهن جي ڪيسن کان بچڻ لاءِ عورت جي وارثن ڏوهه جا نوان طريقا ڳولهي لڌا آهن. عورت کي ماريو وڃي ٿو ۽ انهيءَ لاءِ تڏو وڇائي تعزيتون وصول ڪيون وڃن ٿيون. علائقي ۾ مختلف چوبول پڻ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. پهريون ته: عورت خودڪشي ڪئي، زهر پيتو يا پستول جا فائر ڪيا. ٻيو ته: ڪارنهن جو مسئلو لڳي ٿو. اڳ ۾ عورت تي مڙس يا وارث شڪ ڪندا هئا. ڪافي پيرا جهيڙا به ٿي چڪا هئا. عورت تي تشدد ٿيندو رهندو هو وارثن کي علائقي جي فلاڻي مرد تي شڪ هو. جيڪو عورت جي مرڻ کان پوءِ ڳوٺ مان گهر خالي ڪري ڪٿي ٻئي هنڌ هليو ويو آهي. عورت جي زخمي ٿيڻ جي ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ ڪيس اسپتال پهچايو ويندو آهي. جيئن بچڻ جو ڪو آسرو نه رهي.

اهي سڀ ڳالهيون پوليس کي يا عورتن تي ڪم ڪندڙ ايڪٽيوسٽس کي شڪ ۾ مبتلا ڪنديون آهن ته ضرور هي عام ڪيس ناهي. هي ڪارو ڪاري جو ڪيس آهي. جنهن ۾ وارث رياست طرفان ايف آءِ آر داخل ٿيڻ کان بچڻ لاءِ ۽ خاص ڪري 311 جي سيڪشن لڳڻ کان پوءِ ناهه نه ٿيڻ جي صورت ۾ سزا اچڻ جي ڊپ سبب ڏوهه جا نوان رستا ڳولهي لهندا آهن. جنهن ۾ مختلف ناٽڪ رچايا ويندا آهن. عورت پستول صاف ڪري پئي. پستول صاف ڪندي اوچتو سان گولي لڳي وئي يا عورت زهر کاڌو يا پاڻ کي ڦاهو ڏنائين يا پاڻ دنيا کان تنگ ٿي پاڻ تي فائر ڪيائين ۽ فوت ٿي وئي. اهڙا ڪيس ڪافي مُنجهيل هوندا آهن. جن ۾ اگر پوليس دلچسپي وٺي ته ڪيس حل ٿي وڃي ٿو پر افسوس جو هتي پوليس جي هيٺين سطح جا آفيسر، خاص ڪري ايس ايڇ او ۽ آئي او ڪيس خراب ڪن ٿا. ڪٿي لالچ وچ ۾ اچي وڃي ٿي، ڪٿي سياسي دٻاءُ، جنهن جي ڪري ڪيس رولڙي جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ قتل لُڙهي وڃي ٿو ان قسم جو هڪ ڪيس سنگرار (سکر) ۾ رپورٽ ٿيو هو. جنهن ۾ ايس ايس پي هڪ ڏينهن اندر ڪيس حل ڪيو. ان ڪيس ۾ ظاهر ڪيو ويو هو ته پستول صاف ڪندي ڇوڪريءَ کي گولي لڳي وئي. گهر وارن جا بيان به ساڳئي ڊرامي جو حصو هئا پر علائقي واسين جي ڳالهين ۽ ميڊيڪل جي ابتدائي رپورٽ ڊرامي کي انجام تائين پهچايو ته هي خودڪشي ناهي پر ڪيس قتل ڪيو ويو آهي. ان ڪيس ۾ نيٺ رياست طرفان فرياد داخل ٿيو ۽ جوابدار به گرفتار ٿيا.

ان قسم جو ڪيس ڪجهه ڏينهن اڳ شڪارپور ۾ به ٿيو هو. جنهن تي به وارثن ڊرامو رچايو هو ته عورت ڀائرن کان ملڪيت ۾ حصو گهريو. جنهن تي ڀاءُ ڀيڻ کي قتل ڪري ڇڏيو. ڪيس جي اصل رُخ جي سامهون پوليس تڏهن پهتي. جڏهن هڪ ڀاءُ جوابدار هو ته ٻئي ڀاءُ جو زور هو ته آئون فريادي ٿيان. ڪافي سياسي ڀڄ ڊڪ ڪري انهن جوابدارن سفارشون هلايون. ڪيس لُڙهڻ وارو هو پر پرنٽ ميڊيا، اليڪٽرانڪ ميڊيا، سوشل ميڊيا ۽ سوشل ايڪٽيوسٽس جي زبردست دٻاءُ جي ڪري پوليس سمجهي وئي ۽ ٻن ڏينهن اندر رياست طرفان ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي.

هي هو عوام جو دٻاءُ، جنهن جي ڪري معصوم عورت جي قتل سان انصاف ٿيو اڳتي ڇا ٿو ٿئي. اهو ڪيس جي آئي او تي آهي. جيڪو ڪيس کي صحيح نموني ڪورٽ ۾ پيش ڪري ۽ انصاف ٿي سگهي. اڪثر اهڙن ڪيسن ۾ ڪيس جو آئي او سفارشن ۾ اچي يا لالچ ۾ اچي ڪيس ڪمزور ڪندو آهي. هڪ پيشيءَ تي ويندو ته ٽن تي نه ويندو. شاهدن کي صحيح نموني ڪورٽ ۾ پيش نه ڪندو. ميڊيڪل رپورٽ وقت سر ڪورٽ ۾ نه جمع ڪرائي ويندي. مطلب ته ڪيس رولڙي جو شڪار ٿي ويندو. اهڙا ڪيس سالن جا سال ڪورٽن ۾ پيا هلندا آهن. ڪورٽ جي ٻاهران ڌرين ۾ ناهه ٿي ويندو آهي. اينتري قدر جو ڏنڊ ڏوهه ورتا ويندا آهن. سڱ چٽي ورتا ويندا. ڪارنهن جو عيوضو رقم جي صورت ۾ نهندو آهي. اُهو ورتو ويندو آهي ۽ ڪيس جو خرچ مڪمل مرد جي ڌر کان ورتو ويندو آهي. ڪجهه مهينن يا سال اڌ ۾ ڪيس ڪمزور هجڻ ڪري رولڙي جو شڪار ٿي ويندو آهي ۽ جوابدارن جون ضمانتون ٿي وينديون آهن. قتل ڪيسن جا جوابدا ڪجهه عرصي کان پوءِ علائقي ۾ ساڳيا فتنا ڪندي نظر ايندا آهن. ضرورت اِها آهي ته جيستائين اهڙين قبيلائي سوچن کي منطقي انجام تائين نه پهچايو ويندو، اهڙا واقعا روز رونما ٿيندا. اهڙي قسم جا ڪافي ڪيس ٿيا آهن. جن کي خودڪشي يا اوچتي موت جو رنگ ڏنو ويندو آهي. اهو ڇو ٿيندو آهي. اهو به مٿي ٻڌائي چڪا آهيون. سکر، شڪارپور، ڪشمور، گهوٽڪي، خيرپور، لاڙڪاڻي، قمبر، شهدادڪوٽ، ڄامشوري ۽ ڪجهه ٻين علائقن ۾ اهڙا ڪيس رجسٽر ٿيا آهن. جن کي خودڪشيءَ جو رنگ ڏنو ويندو آهي ۽ آخر ۾ اُهي ڪارنهن جا ڪيس ٿي سامهون ايندا آهن. ڪجهه ڪيسن ۾ پوليس دلچسپي وٺندي آهي ته اُهي اصل انجام تائين پهچندا آهن ڪٿي پوليس پنهنجو اصل رنگ ڏيکاريندي آهي. جنهن جي ڪري مک جوابدار ۽ ٻيا جوابدار جان آجي ڪرائي ويندا آهن. آئون مٿي لکي چڪي آهيان ته اهڙن ڪيسن ۾ جيستائين جوابدارن کي مڪمل طور سزا نه ملندي، انهن جي قبيلائي سوچن کي مڪمل طور تي ختم ڪيو نه ويندو. اهڙا ڪيس ڏينهون ڏينهن وڌندا ويندا.

ڪارنهن جا ڪجهه اهڙا ڪيس به هوندا آهن. جيڪي ڪچي جي علائقن ۾ ٿيندا آهن. جتان ڪيس رپورٽ نه ٿيندا آهن يا خبر پوندي به آهي ته مڪمل نه پئجي سگهندي آهي. لاش درياءَ ۾ لوڙهيا ويندا آهن يا بنا غسل جي دفن ڪيا ويندا آهن. اهڙن ڪيسن ۾ پوليس جي هيٺين عملي (ايس ايڇ او) جا وارا نيارا ٿي پوندا آهن. اهڙا ڪيس خاص ڪري سکر جي ڪچي شاهه بيلي، گهوٽڪي جي ڪچي، ڪشمور جي ڪچي ۽ لاڙڪاڻي جي ڪچي ۾ رُونما ٿيندا آهن. وارث اهڙن ڪيسن کي لئي مٽي ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن ۾ وارثن کي مقامي پوليس جو سهڪار حاصل هوندو آهي. مقامي پوليس کي ڪچي جي اهڙن گمنام ڪيسن جي مڪمل ڄاڻ هوندي آهي.

اسان جهڙن عام ماڻهن کي اهڙن ڪيسن ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪوشش هجي ته سچ کي نروار ڪريون. هر ضلعي ۾ يا مختلف ضلعن ۾ عورتن جي حقن جون تنظيمون ڪم ڪن ٿيون. ساڪ وارن ماڻهن سوشل ايڪٽيوسٽ يا مقامي اخباري نمائندي تائين خبر پهچايون. جيڪو توهان جو نالو راز ۾ رکندو. خبرلڳڻ سان ائين ٿيندو جو پوليس تي زور ٻارُ پوندو. قانون حرڪت ۾ ايندو. سوشل ميڊيا تي ڪيس رپورٽ ٿيندو. اُتان ڪا نه ڪا ايڪٽيوسٽ ضرور ان ڪيس کي ڏسي پوليس سان رابطي ۾ ايندي يا ايندو. جنهن سان اينترو ضرور ٿيندو جو پوليس ڪيس جي جاچ ڪندي. علائقي واسين کان معلوم ڪرايو ويندو ۽ سڀني جي محنتن سان ڪيس ضرور سامهون ايندو. توهان اسان جي ڪوشش هجڻ گهرجي ته ڪارنهن جا ڪيس رڪارڊ تي اچن. گهٽ ۾ گهٽ اينتري خبر پوي ته هر سال يا هرڇهن مهينن ۾ رجسٽرڊ ڪيس ڪارو ڪاري جا ڪيترا ٿين ٿا ۽ ڪيترا ڪيس آهن. جيڪي ميڊيا جي سامهون نٿا اچن يا انهن کي منظر تي نٿو آندو وڃي ۽ ڪيترا ڪيس آهن. جن ۾ جوابدارن کي سزائون اچن ٿيون.

سنڌ جي هرضلعي ۾ هاڻ ڪارنهن جي ڪيسن ۾ رياست طرفان ايف آءِ آر داخل ٿئي ٿي ۽ نان ڪمپائونڊ بل سيڪشن 311 به لڳي ٿو. جنهن تحت ڌرين ۾ ناهه نه ٿيندو اگر پوليس چاهي ته 311 تحت جوابدار ڌر تي ڪارروائي ڪري سگهي ٿي. ڇو جو قانون موجود آهي. جرڳن تي اڳ ۾ ئي سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان پابندي عائد ٿيل آهي. ان سان ائين ٿيو آهي. جو کليل نموني جرڳا نٿا ٿين رات جي اونداهين ۾ ڪارنهن جا فيصلا ٿين ٿا. جنهن تي افسوس جو پوليس تحرڪ ۾ نٿي اچي. پوليس فيصلي جو لکت ۾ رڪارڊ گهري ٿي. هاڻ توهان ئي ٻڌايو ته قبيلائي وڏيرا، سردار چريا ٿيا آهن. جو فيصلي جي لکت ڏيندا. انهيءَ ڪري پوليس اهڙن جرڳن تي ڪارروائي نٿي ڪري ۽ افسوس جو پابندي هوندي به ڪارنهن جا جرڳا ٿين ٿا. ضرورت ان عمل جي آهي ته پوليس، سوشل ايڪٽيوسٽ ۽ ميڊيا گروپ جيڪي عورتن جي مسئلن کي سامهون آڻين ٿا. گڏجي ڪم ڪن ۽ انهن جو مقصد ڪيس کي حل ڪرڻ هجي، نه ڪي اُلجهائڻ. ان واٽ تي هلندي اسان جي ڪيتري ئي رستا روڪ چونه ٿئي پر سچ پنهنجو رستو پاڻ ناهيندو آهي.

ڏِهاڙي ڏِٺم ڪيتِرا، جنِين مارِيو موڪَ:
گهَرَ ۾ گهاتُوئَڙَنِ جا، تا مارِينِمِ ٿوڪَ:
لَڌي وِڃان لوڪَ، اُونهي ويا اوهِرِي.

تاريخ انقلاب آ ماتم حسين ع جو

مولائي ملاح

واقعي ڪربلا ڪا ڏندڪٿائي ڪهاڻي ناهي. هن درد ناڪ واقعي دنيا جي ضمير کي ڌوڏي ڇڏيو ڌرتيءَ رنگ بدلايو ۽ آسمان سرخ ٿيو. جنهن جي شاهدي اڄ به آسمان تي لهندڙ سج جي سرخي ڏئي رهي آهي. دنيا جي هر باشعور ۽ باضمير ماڻهو، عوام کان عالم، درويش کان دانشور ۽ اسڪالر کان اديب تائين سيني ان درد کي محسوس ڪندي ان جو اظهار پنهنجي انداز ۾ ڪيو آهي.

جيئن غلام رباني آگري پنهنجي ڪتاب 'سنڌ جا ٻن ٻڪر ۽ پهاڙ' ۾ لکيو آهي ته: "ڪربلا جو واقعو ٿيو ته سڄو عالم اسلام لڏي ويو. اهل دل انسانن جون دليون ڏهلجي ويون. دنيا کان منهن موڙي ڇڏيائون. زندگي، عبادت ۽ رياضت لاءِ وقف ڪيائون. 'دنيا بوند _ تي طالب ڪتي' مسلڪ اختيار ڪيائون".

قتل حسين ع تي احتجاج جي شروعات واقعي ڪربلا بعد، زندان شام کان سنه 62 هجري ۾ سانئڻ زينب سلام الله عليها مجلس حسين سان ڪئي. جنهن بعد احتجاج جو اهڙو انقلابي انداز عزاداريءَ جي صورت ۾ دنيا جي اڳيان آيو. جيڪو هڪ ڏينهن سنڌ پهتو. سنڌ جي برهمڻ حڪمران راجا ڏاهر سيدن جو احترام ڪندي انهن کي عزت ڏني. جيڪا ڳالهه عرب جي حڪمران حجاج بن يوسف ۽ محمد بن قاسم کي ڪانه آئڙي. جنهن سادات کي عزت ڏيڻ جي جرم ۾ راجا ڏاهر جي دور ۾ سنڌ تي حملو ڪري سادات کي شڪ سان جيئڻ نه ڏنو.

سنڌ ۾ قتل حسين ع جي اطلاع ۽ ان تي پهرين احتجاج بابت صحافي بيدار جعفريءَ مونکي پٽ شاهه ماتم تي 2012ع ۾ ٻڌايو: "سنڌ ۾ قتل حسين (ع) تي پهريون احتجاج غير مسلم برهمڻ، ٻڌ ۽ هندن ڪيو. سنڌ جا ٽري سنڌي واپاري پنهنجي واپار سانگي مصر ۽ عراق تائين ويندا هئا. پنهنجي ملڪن جون سرحدون درياهه دجلاءِ فرات سان لڳنديون هيون. سنڌ جا واپاري جن ۾ ٻڌ، برهمڻ ۽ هندو شامل هئا. اهي جڏهن دجلا ۽ فرات جي بندر تي پهتا ته، اتي ڪين بني هاشم جي خاندان جي ٽبل ڪوس. قتل جي خبر پئي. جنهن تي هنن سنڌ اچي، لڙ ۾ غم حسين ع جو تڏو وڇائي. ٽن ڏهاڙن تائين امام حسين ع جو سوڳ ڪيو. انهن جي اهڙي عمل ڪانئي سڄي سنڌ ۾ قتل حسين ع جي خبر پهتي: جنهن سان سنڌ ۾ احتجاج، عزاداريءَ جو سفر شروع ٿيو "واقعي ڪربلا ۾ سنڌ جي حسيني برهمڻ جا حوالا به تاريخ ۾ ملن ٿا.

ڪربلا ۾ مولا حسين ع تان پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ حسيني برهمڻ بابت سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب نصير مرزا پنهنجي مذهبي ڪالمن جي ڪتاب 'ڪربلا ڪربلا' ۾ لکي ٿو ته: "حسيني برهمڻ اگرچ آهن هندو، پرمندرن ۾ ناهن ويندا. مورتي پوجا ناهن ڪندا. انهن جي مردن، پارن جي سڃاڻپ هڪ خاص نشاني آهي ۽ اها آهي ڳلي تي CUT ڪٽ جو نشان! ۽ ان ڪٽ جي نشانيءَ جو مطلب هي آهي ته هنن جي هڪ بزرگ، امام حسين ع جي نالي تي ڪربلا ۾ سِرڪٽايو هو يا ڪربلا وارن سان يڪجهتيءَ ۾ پنهنجي سِر جو نذرانو پيش ڪيو هو جنهن سڃاڻپ طور ڳلي تي ڪٽ جو نشان. نسل در نسل هنن حسيني برهمڻن کي هاڻي سنڌ جي صورت ۾ سدائين لاءِ ملي چڪو آهي. نصير مرزا، دهلي يونيورسٽيءَ جي تاريخ جي پروفيسر 'نونيڪا دت' ۽ اردو جي افسانه نگار انتظار حسين جي حوالي سان اڳتي لکي ٿو ته:

"ڪربلا جي سانحي ۾ هڪ هندو برهمڻ پڻ. مولا حسين ع تان سِرفدا ڪيو" نصير، نونيڪا دت جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: "اُهي ڪل ڏهه برهمڻ هئا. جيڪي مولا حسين ع جي ڪربلا ڏانهن ويندڙ قافلي ۾ شامل ٿي ويا هئا ۽ انهن ٿي منجهان هڪ بزرگ جو نالو 'راهب' هو. ان سان گڏ سندس ست پٽ ساڻ هئا. ڪربلا جو معرڪو رونما ٿيو ته، ان جا ست ئي سورما مولا حسين ع پاران يزيدي فوج سان وڙهيا ۽ سڀئي سورگ باسي وڃي ٿيا. راهب دت زخمي ٿيو پر بچي ويو. ڪربلا کان ڪوفي تائين هُو هن اُجاڙ قافلي سان قيدي ٿي ابن زياد جي دربار تائين پهتو. امام سجاد ع جي اجازت سان افغانستان ڏانهن روانو ٿي ويو. جتان پوءِ واپس هندستان پهتو جيستائين حيات هو پاڻ کي حسيني برهمڻ سڏائيندو رهيو پارٽ جو مشهور اداڪار سُنيل دت، سنجي دت ۽ فلم اسٽار نرگس جو والد. ۽ مشهور هندو عزادار شاعره راڻي روپ رٽي پڻ پاڻ کي حُسيني برهمڻ سڏرائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا/آهن."

ان بعد عباسي دور ۾ سنڌ جي گورنر عمر بن حفص ۽ ان بعد هشام بن عمرو تغلبي جيڪي محبِ اهلبيت، خاندانِ نبوت جو احترام ڪندڙ ۽ سادات سان عقيدت رکندڙ هئا. تن جي دور ۾ مولا حسين ع جي مڃڻ وارن ۾ اضافو آيو ۽ حسينيت جو پيغام پکڙجڻ لڳو. سنڌ ۾ عزاداري امام حسين ع واقعي ڪربلا جي خبر پهچڻ سان شروع ٿي. جنهن ڪلهوڙن جي دور ۾ اوج ورتي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه سنڌ جي صدا 'ڪيڏارو' لکيو. شاهه ڀٽائيءَ کانپوءِ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائيءَ مرثيا لکي ان سلسلي کي جاري رکيو. شاهه ڀٽائي ذڪر حسين ع ۽ عزاداريءَ کي فروغ ڏيڻ لاءِ سُر ڪيڏارو لکيو شاهه سائينءَ جي اهڙن بيتن کي پڙهڻ کانپوءِ ڪربلا جي شهيدن جو غم تازو ٿي وڃي ٿو ۽ اکيون چئوماسي مينهن جيان اوهيرا ڪري وسي پون ٿيون. سنڌ ۾ ذڪرِ حسين ع جي زوردار پرچار ڪندڙن ۾ پهريون انقلابي عزادار، ذاڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي.

سنڌ ۾ عزاداريءَ جي ان سلسلي کي پٽ ڌڻيءَ کانپوءِ سيد ثابت علي شاهه سيوهاڻي ۽ سچل سرمست ۽ ٻين بزرگن ۽ شاعرن مرثيا لکي قائم رکيو: جنهن سان عزاداريءَ کي فروغ مليو. ڀٽائيءَ جي بيتن کانپوءِ، سيد ثابت علي شاهه جي مرثين تي مومن ماتم ڪندي. اکين مان غمِ حسين ع جا لڙڪ لاڙي عزاداري ڪندا رهيا.

سيد جا چيل مرثيا عزادارن جي اکين ۾ واقعي ڪربلا جي دردن جي تصوير بڻجي ويا. جيڪي اڄ ڏينهن تائين ان ئي انداز سان سنڌ جي ڪجهه علائقن سيوهڻ، حيدرآباد، هالا ۽ پٽ شاهه. لاڙ ۽ وچولي ۾ چيا وڃن ٿا.

سيد ثابت علي شاهه جي چيل مرثين ۾ ڪربلا جي قتل جي چٽيل سرخ تصوير ۽ ظالمن جو ڪيل هر ظلم نمايان نظر اچي ٿو جنهن جي شاهدي آسمان کان هيئن وٺي ٿو:

ڪربلا جي قتل جي ڪرڪا خبر اي آسمان،
ڪيئن ڏنٿي نيزن چڙهيا، شاهن جا سر اي آسمان.

سيد ثابت علي شاهه جا مرثيا جڏهن، ٺرندڙ رات جي پوئين پهر ۾ سُر 'جوڳ' مان پڙن تي پڙهيا آهن ته هر عزادار جي اک آلي ٿي پوندي آهي. ان ريل عزادارن جون آليون اکيون ڏسي آسمان به وسي پوندو آهي. اهڙي طرح محرم جي ماڪ پنل صبح غمِ حسين ع ۾ روئندڙ رات جي گواهي بڻجي پوندي آهي.

پيئي جا پرپات، ساماڪ نه پاتيئون ماڙهئان،
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏڪوئين کي.
(مخدوم نوح سرور)

غمِ حسين ع ۾ رڳو انسان ئي نه، پر زمين ۽ آسمان رنو، عرش، فرش جي مخلوق رُني. ڏينهن رنو ۽ رات رُني. هيءُ درد صدين کان گهرو آهي ۽ هن درد ۾ وقت جي رهندڙ ويڙ اضافو آئيندي رهي ٿي. جيڪا شهر شهر، گلي گلي ۾ يا حسين ع جي صدائن سان ٻري ٿي. تاريخ عزاداري ڏسي ٿي ته، جيستائين هيءُ دنيا قائم آهي. تيستائين عزاداريءَ جي صورت ۾ ظالمن خلاف ٿيندڙ احتجاج جو هي سلسلو جاري رهندو، جيڪو قيامت تائين رڪڻو ناهي.

عزاداري امام مظلوم انقلاب جي هڪ تاريخ آهي. جنهن کي هر دور جي يزيد مٽائڻ جا وڏا وس ڪيا آهن پر مٽائي ناهي سگهيو ۽ نه ئي مٽائي سگهندو. يزيديت پاڻ کي لڪائڻ لاءِ عزاداري امام حسين ع کي مٽائڻ چاهي ٿي. جيڪا سندس وس جي ڳالهه ناهي. شهيد محسن نقوي چواڻي:

باطل ڪي سازشون کو ڪچلتي رهين گي هم،
جب تک رهي گا هاٿ مين پرچم حُسين ع کا.
قصرِ يزيديت کي دراڙون سي پوچ لو،
تاريخ انقلاب هي ماتم حُسين ع کا.

بقايا 01 ***

ته وزيراعظم ابوظهبي جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي اڳوڻي ميمبر شيخ سعيد بن زيد النهيان جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ شاهي محل ۾ ويندو. شيخ سعيد بن زيد النهيان گذريل ڏينهن لاڏاڻو ڪري ويو ٿائي وارو وزير اسحاق ڊار ۽ خاص مددگار طارق فاطمي به وزيراعظم سان گڏ آهن.

بقايا 02 ***

سبب محفوظ آهي. هن اها ڳالهه ايم اي جناح روڊ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چئي، جتي هن 9 ۽ 10 محرم الحرام جي جلوسن جي سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو هن سان گڏ وزير محنت سعيد غني، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت ۽ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ پڻ گڏ هئا. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هو صوبي ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو وٺڻ کانپوءِ پوليس، رينجرز ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن کي ضروري هدايتون ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته اسان جا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا الرٽ آهن ۽ صوبي ۾ امن امان لاءِ ڀرپور ڪم ڪري رهيا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته موبائل فون سروس سڪيورٽي سبب بند ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ٽيڪنالاجي ذريعي دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو ان ڪري انٽرنيٽ ۽ موبائل فون سروس معطل ڪئي وئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هن جلوس جي سمورن اڄ وچ وارن رستن، پارڪنگ جڳهن ۽ پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جي مقرري وارن هنڌن جو دورو ڪيو آهي. هن چيو ته اسان سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انشاءَ الله سڀ ڪجهه پلان موجب ٿيندو. ان کان اڳ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 9 ۽ 10 محرم الحرام جي جلوس جو رستو نشتر پارڪ، نمائش، ايم اي جناح روڊ، مينسفيلڊ اسٽريٽ، پريڊي اسٽريٽ، تبت چوڪ (ايم اي جناح روڊ) بولٽن مارڪيٽ، بمبئي بازار، کهارادر، نواب محبت روڊ ۽ حسينيان ايرانيان امام بارگاهه تي ختم ٿيندو هن چيو ته ٿينهتي، لسبيلا کان طاهري مسجد کانپوءِ مينسفيلڊ اسٽريٽ تائين جلوس لاءِ 20 ڊائيورشن پوائنٽ مقرر ڪيا ويندا. اهڙي ريت 9 پارڪنگ جي جائين کي ذميواري سونپي وئي آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته جلوس جي سيڪيورٽي لاءِ 4698 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. جلوس جي سي سي ٽي وي ڪوريج پڻ ڪئي ويندي ۽ ان جي نگراني آءِ جي آفيس جي سينٽرل ڪنٽرول روم مان ڪئي ويندي. ان کان اڳ وڏي وزير 9 محرم الحرام جي جلوس جي اڳواڻي تاج ڪمپليڪس وٽ ڪئي ۽ پوءِ جلوس وارن رستن ذريعي امام بارگاهه حسينيان ايرانيان پهتو.

بقايا 03 ***

وئي آهي. مارجي ويل ڌاڙيلن ۾ جانو انڌڙ، سومر شر، نظرو شر، شهزادو دشتي، مشيرو انڌڙ شامل آهن. ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته مارجي ويل ڌاڙيل جانو انڌڙ ۽ سلطو شر جي ڀاءُ نظرو شر تي هڪ ڪروڙ روپيا انعام رکيل هو. پوليس جو چوڻ آهي ته مارجي ويل سمورن ڌاڙيلن جا لاش سنڌن ساٿارين وٽ آهن. پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 2 واٿهڙو نينگر امام بخش ميراڻي ۽ آصف ميراڻي زخمي ٿي پيا، ٻنهي زخمين کي ڪشمور تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو ڊاڪٽرز جو چوڻ آهي ته امام بخش ميراڻي کي مٿي ۾ گوليون لڳل آهن، کيس رحيم يارخان منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 04 ***

گڏ آيل پرائيويٽ فورس جي هڪ همراهه کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو آهي جڏهن ته ڌاڙيلن پاران جنسار چانڊيو کي گوليون هڻي قتل ڪرڻ واري وڊيو به سامهون اچي وئي آهي، ذريعن موجب جنسار چانڊيو ڌاڙيلن خلاف جاري آپريشن ۾ پوليس جي مدد ڪري رهيو هو، وڊيوز ۾ ڌاڙيل جنسار چانڊيو کي گوليون هڻندي ڏٺا ويا.

بقايا 05 ***

۾ نهر ٿيندو. اسلام آباد، پشاور، لاهور ۽ ڪوئيٽا مان به ماتمي جلوس برآمد ٿي رهيا آهن. روهڙي جي تاريخي شمع گل ماتمي جلوس ۾ لکين عزادار شريڪ ٿيا. پيهه دوران ساهه ٻوساتجڻ سبب هڪ عزادار آغا شاهزيب پٺاڻ فوت ٿي ويو. 20 کان وڌيڪ زخمي ٿي ويا. حيدرآباد جي مختلف علائقن مان به ماتمي جلوس برآمد. نسيم نگر ۾ سيد راشد شاهه ۽ سول لائين ٽنڊو جهانيان ۾ عزادرن پاران ٽانڊن تي ماتم. مورو ويجهو ڳوٺ ماستر مولا بخش ڪوسي ۾ عزادارن ٽانڊن تي ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي سن ويجهو آمري مان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو. ننگواڻي ۾ به ماتمي جلوس برآمد ٿيو عزادارن پاران نوحه خواني ۽ سينا زني ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش، پڪو ڪوٽ لالو ۽ ٻين شهرن مان به ماتمي جلوس برآمد ٿيو قاضي احمد ۾ عزادارن پاران تلوارن ۽ ڪُرڙن جو ماتم، دوداپور، جام صاحب ۽ ڀهرام مان به ماتمي جلوس برآمد. حيدرآباد، سکر، خيرپور، ڪنڌڪوٽ، دادو ۽ نوشهروفيروز ضلعن ۾ موبائل فون سروس معطل آهي.

بقايا 06 ***

به قدم نه کنيو. شهرين پاران سنڌ سرڪار ۽ انتظاميا تي چٽي تنقيد ڪئي پئي وڃي. فوري طور پاڻي نيڪال ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ پوندڙ برسات تباهي مچائي ڇڏي آهي. روڊن ۽ رستن تي 4 کان 5 فٽ پاڻي بيهجي ويو جڏهن ته ضلعي چيئرمين دورا ڪرڻ ۽ ميونسپل چيئرمين گاڏي تي چڙهي فوٽو سيشن ڪندو رهيو. ضلعي هيڊڪوارٽر واري شهر جا مک علائقا چانڊني چوڪ، ڀرائي محلہ، اسٽيشن روڊ، الفتاح چوڪ، مهراڻ چوڪ، مير محلہ، ٽالپر ڪالوني، سومرا پاڙو، ٽيليفون ايڪسچينج روڊ، منور ڪالوني، قاسم آباد، ٽالپر ٽائون، پيپلز ڪالوني، سونا پاري، گلشن فيض ڪالوني، مشترڪ ڪالوني، شوڪت ڪالوني ۾ پاڻي تلائن جي صورت ۾ بيهجي ويو ٽنڊو غلام حيدر، بلڙي شاهه ڪريم جي مختلف علائقن ملاڪاتيار، شيخ پرڪيو لاڪات، سعيد خان لنڊ، موريا، ڏنڊو سميت ننڍن وڏن علائقن ۾ پڻ 4 کان 5 فٽ پاڻي بيهجي ويو آهي، جنهن جي نيڪال ڪرڻ لاءِ انتظاميه پاران ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن. ٻئي طرف محرم الحرام ۽ برساتي ايمرجنسي باوجود انتظاميه ڪري تدارڪ نه ڪري سگهي آهي.

بقايا 07 ***

سان ڳالهائيندي ايس ايس پي امجد شيخ وڌيڪ چيو ته مارجي ويل ڌاڙيلن مان 5 ڄڻن جانو انڌڙ، سومر شر، نظرو شر، شهزادو دشتي ۽ مشيرو انڌڙ جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي، مارجي ويل 3 ڌاڙيلن جي اڃا سڃاڻپ نه ٿي آهي امجد شيخ چيو ته ڌاڙيلن کي مارڻ واري پنجاب پوليس جي دعويٰ غلط آهي، مارجي ويل 8 ڌاڙيلن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل آهن، ڌاڙيلن سان مقابلو اڃا جاري آهي.

بقايا 08 ***

جيڪڏهن تحريڪ انصاف جي حڪومت هلندي رهي ته ملڪ جو مدو پورو ٿيڻ تي ملڪ معاشي طور تباهه ٿي وڃي ها. شبر زيدي چيو ته اسان پي ٽي آءِ جيئرمين کي صلاح ڏيندا هئاسين پر هو ان وقت ٻڌڻ جي موڊ ۾ نه هو. (ن) ليگ ميمبرن جون ٽيڪس فائلون گهرايون ويون. هن چيو ته شاهه محمود قريشي جي اڳواڻي ۾ 40 ميمبر اسيمبلي آيا. شبر زيدي وڌيڪ چيو ته تمباڪو مافيا کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، خيبرپختونخواهه جي ايم اين ايز چيو ته توهان اسان جي علائقي ۾ نه ٿا اچي سگهو جڏهن قبائلي علائقن ۾ اسٽيل ري رولنگ ملز تي هٿ وڌا ته ان جي 20 سينيٽرن جو جوڙ هو فاٽا جيئرمين پي ٽي آءِ به شبر زيدي کي روڪڻ لاءِ اچي ويلو.

بقايا 09 ***

ورتو سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم ڪيو ايم لنڊن جي ڪارڪنن جي نظربندي جي معاملي ۾ سورين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو عدالت گهرو سيڪريٽري، آئي جي جيل، سپرنٽينڊنٽ جيل لاڙڪاڻو ۽ ٻين کان جواب گهري ورتو عدالت سمورين ڌرين کي 31 جولاءِ تائين جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم به ڏئي ڇڏيو.

بقايا 10 ***

۽ 11 سالا ٻٽ امجد ميمڻ 3 ڏينهن اڳ مينا اغوا ٿي ويا، ٿيو سعيد آباد ٿاڻي تي ٻارڙي ۽ اغوا جي رپورٽ داخل ڪرائي وئي، ايف آءِ آر ۾ پوليس اهلڪار جو چوڻ آهي ته جوابدار طارق سولنگي ڏيءِ ۽ پٽ کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ويو آهي، ڀاءُ موجب اسان جي ڀيڻ ۽ ڀاءُ 3 ڏينهن کان گم آهن، شڪ آهي ته جوابدار طارق سولنگي ڪين اغوا ڪيو آهي، جنيد ميمڻ موجب پوليس کي اطلاع ڪيو ۽ ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي پر پوليس اڃاتائين ڪجهه ناهي ڪيو ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي آزاد ڪيو وڃي، ڊي ايس پي عطا محمد ڏاهري موجب جاچ ڪريون پيا، جلد سڄي واقعي جو پتو لڳائي جوابدار کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 11 ***

مان آزاد ٿيڻ بعد ٻيهر گرفتار ڪري ورتو. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي ايم پي اي سيمابيه طاهر کي به راولپنڊي مان گرفتار ڪيو ويو. پوليس ذريعن موجب سيمابيه طاهر تي 9 مئي جي پر تشدد واقعن ۾ ملوث هجڻ تي ڪيس داخل آهي.

بقايا 12 ***

رهائشگاهه مارا لاگو جو سرور ڊليٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ملوث هو صدر ٽرمپ جي رهائشگاهه جو نگران ڪارلوس ڊي اوليويرا به ڳجهي دستاويز ڪيس ۾ ملوث هو وفاقي پراسيڪيوٽر دعويٰ ڪئي ته اڳوڻي صدر ملازم کي چيو ته هو چاهي ٿو ته مارا لاگو جي سيڪيورٽي ڪيمرائن مان وڊيو ڊليٽ ڪئي وڃي ته جيئن اها جاچ ڪندڙن جي هٿ ۾ نه اچي اڳوڻي صدر ٽرمپ پاران قومي سلامتي جي اهم معلومات جو غيرقانوني انڪشاف قبضي جا 31 الزام اڳ ۾ ئي آهن.

بقايا 13 ***

ابڙو جي پاءُ ۽ ڀائيٽي جي قتل جي جاچ دوران اهم اڳڀرايون ٿيون آهن. پوليس حملي ۾ استعمال ٿيل گاڏيءَ جي مالڪ کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان فرار ٿي ويل مک جوابدار جا 2 ويجها مائٽ به گرفتار ڪيا ويا آهن جن کان جوابدارن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. پوليس ذريعن موجب حملي ۾ استعمال ٿيل ڪار ڪيترائي پيرا وڪرو ٿي چڪي آهي. پوليس پاران هيل تائين مجموعي طور 4 جوابدارن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. ذريعن موجب شروعاتي جاچ مان واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي رهيو آهي، ايم پي اي اسلم ابڙو ذاتي دشمنيءَ جو امڪان رد ڪري چڪو آهي.

بقايا 14 ***

۽ اهلڪ ار مقرر ڪيا ويندا پوليس ذريعن مطابق شهر جي 62 امام بارگاهن کي انتهائي حساس 305 کي حساس جڏهن ته 30 کي نارمل قرار ڏنو ويو آهي ڪراچي ۾ محرم الحرام دوران ڪراچي پوليس جا 15 هزار 287 آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي تي مقرر ڪيا ويندا ڪراچي پوليس مطابق ڊسٽرڪٽ ايسٽ ۾ 7 هزار 50، ويسٽ ۾ 5 هزار 940 ۽ سائوٿ ۾ 2 هزار 297 آفيسر ۽ اهلڪار محرم جي ڊيوٽي ڪندا شهر ۾ 305 امام بارگاهن کي حساس ۽ 62 کي انتهائي حساس ۽ 30 کي نارمن قرار ڏنو ويو آهي ڊسٽرڪٽ ايسٽ جي امام بارگاهن تي 448 ۽ مجلسن تي 2306 آفيسر ۽ اهلڪار جڏهن ته ويسٽ جي امام بارگاهن تي 506 ۽ مجلسن تي 906 ۽ سائوٿ جي امام بارگاهن تي 284 ۽ مجلسن تي 783 آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي تي مقرر هوندا شهر جي انتهائي حساس هنڌن تي 1267 آفيسر ۽ جوان مقرر هوندا اسپيشل سيڪيورٽي يونٽس تي ماهر شوٽر مرڪزي جلوس جي پرپاسي ۽ جلوس جي رستن تي مقرر ڪيا ويندا.

بقايا 15 ***

ڇڏيو آهي حڪم ۾ چيو ويو آهي ته جيئرمين پي ٽي آءِ خلاف 2 آگسٽ تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويندو. جيئرمين پي ٽي آءِ ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ٿيندو لکت واري حڪم موجب پي ٽي آءِ جيئرمين ذاتي حيثيت ۾ ڪميشن آڏو پيش ٿيو سنڌس وڪيل استدعا ڪئي ته وٽس ڪيس جو رڪارڊ ناهي، وڪيل درخواست ڪئي ته رڪارڊ وٺي ڪيس تيار ڪيو وڃي. اها درخواست منظور ڪئي وئي. اليڪشن ڪميشن چيو ته وڪيلن جي لاونگ کان دستاويز حاصل ڪيا وڃن حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ جيئرمين اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿيو. تنهن ڪري سنڌس گرفتاري جا وارنٽ هن وقت تائين معطل ڪيا وڃن.

بقايا 16 ***

اسپيڪر وزيرن کان خاطري کان پوءِ سوالن وارو وقفو سومر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو ۽ سومر تي انهن سوالن جا جواب ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي خميس تي قومي اسيمبلي ۾ ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو چيو ته ملڪ جي آبادي جو 67 سيڪڙو نوجوان آهن 40 سيڪڙو انهن مان بيروزگار آهن گذريل حڪومت نوجوانن کي جيڪي خواب ڏيکاريا انهن جي ساپيان ڪٿي ٿي ان تي رولنگ ڏني وڃي شيخ روحيل اصغر چيو ته ذميوارن کي جيمبر ۾ گهرائي ان بابت پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي اسپيڪر چيو ته هاڻي به حڪومت جو حصو آهيون مريد قمر چيو ته هي رويو قبول جوڳو نه آهي هي سوال پاليسي سان لاڳاپيل آهي ان ۾ ڪي انگ اکر گهربل نه هئا ان بابت لاڳاپيل عملدارن کي گهرايو وڃي ۽ اڄ ٿي سوال جو جواب ورتو وڃي جيڪڏهن جواب نٿو ملي ته هي معاملي استحقاق ڪميٽي ڏانهن اماڻيو وڃي.

بقايا 17 ***

اسحاق ڊار جو نالو نگران وزيراعظم لاءِ آيو ۽ ان کي رد ڪيو ويو اڳوڻي وزيراعظم جي وطن واپسي جي حوالي سان راڻا ثناءالله چيو ته نواز شريف جلد وطن واپس ايندو ۽ حفاظتي ٻانڊ ڪٽندو ۽ عدالتن ۾ پيش ٿيندو ۽ بري ٿيندو. وفاقي گهرو وزير وڌيڪ چيو ته اهو نٿو چئي سگهجي ته امن امان جي صورتحال خراب آهي پر خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي عروج تي آهي. هن اهو به چيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا نيڪ نيتيءَ ۽ بهادري سان دهشتگردن جو مقابلو ڪري رهيا آهن

بقايا 18 ***

ترجمان موجب ڪارروائي خدا جي بستي، ناردرن بائي پاس، بند مراد ۽ سرجاني ٽائون جي علائقي ۾ ڪئي وئي، ان حوالي سان سي ٽي ڊي ترجمان جو چوڻ آهي ته آپريشن دوران 79 شڪي ماڻهن جي ڳولا ۽ 2 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

بقايا 19 ***

مقرري تي غور ڪيو ويندو جسٽس محمد ابراهيم خان هن وقت وقتي پشاور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس آهي جسٽس مسرت هلالي جي سپريم ڪورٽ مقرر کان پوءِ پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چيف جسٽس جو عهدو خالي ٿيو هو

بقايا 20 ***

لکيو لکت حڪم مطابق عدالت کي ٻڌايو ويو ته ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو پي ٽي آئي جيئرمين طرفان هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو ٽرائل ڪورٽ فيصلي جي خلاف اپيل هاءِ ڪورٽ ۾ التوا هيٺ آهي ڌريون ان ڳالهه تي متفق آهن ته سمورين درخواستون گڏ ڪري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ڪئي وڃي حڪم نامي ۾ عدالت چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ انصاف جي گهرجن لاءِ توشه خانه بابت سمورين درخواستون گڏ ڪري ٻڌڻي ڪري.

بقايا 21 ***

شاهه محمود قريشي وڌيڪ چيو ته ڊنمارڪ ۽ سويڊن واقعن جي سخت مذمت ڪريون ٿا. هن اهو به چيو آهي ته حق ۽ انصاف جي جنگ جاري رهندي، الله پاڪ اسان جي ملڪ کي امن جو گهوارو بڻائي.

بقايا 22 ***

وٺڻ ڪانسواءِ شيري رحمان چيو ته جيڪڏهن هوءَ اهي ڳالهيون ٻڌي ها ته پارليامينٽ جي عورت ميمبرن جي توهين روڪڻ لاءِ مداخلت ڪري ها. شيري رحمان جو چوڻ هو ته هن ڳالهه ٻولهه جو صرف آخري حصو ٻڌو پر سوچيم ته ٿي سگهي ٿو اها هڪ ٻئي سان عام سياسي ميچ هئي، خاص طور تي عورتن خلاف ن پ پ سينيٽر جو چوڻ هو ته هوءَ يقيناً مسڪرائي نه رهي هئي، هو ماحوليات واري منصوبي تي ڪابينا جي اتفاق راءِ تي خوش آهي چو ته هن ان تي ڏينهن رات ڪم ڪيو آهي.

بقايا 23 ***

دوران گڊو بئراج ۾ 15 هزار ڪيوسڪ پاڻي جي واڌ ٿي. گڊو بئراج رت پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 3 لک 78 هزار 792 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. بئراج ۾ هيٺانهون وهڪرو 3 لک 68 هزار 562 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 24 ***

وڏي وزير محسن نقوي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته موجوده صورتحال ۾ سول ڊفينس جي اهميت پهرين کان وڌيڪ آهي. هن چيو ته ٻيو ڊسپوزل اسڪواڊ کي جديد اوزارن جي تربيت پڻ ڏني ويندي پنجاب جي نگران وڏي وزير اهو به ٻڌايو ته ٻيو ڊسپوزل گاڏيون پکر، چنيوٽ، گجرات، حافظ آباد، جهلم، خانيوال ۽ ٻين ضلعن کي ڏنيون ويون آهن

بقايا 25 ***

جائزو ورتو ويو سيد خورشيد شاهه سمورن لاڳاپيل ادارن جي سربراهن سان تفصيلي مشاورت ڪئي ۽ هدايتون جاري ڪيون وفاقي وزير چيو ته لاڳاپيل وفاقي ۽ صوبائي ادارن کي اڳوات الرٽ ڪيو ويو هو ۽ هن وقت تائين صورتحال مڪمل ڪنٽرول ۾ آهي وفاقي وزير چيو ته سمورا لاڳاپيل ادارا ڏينهن رات الرٽ رهن ۽ گڏيل ڪوآرڊينيشن سان صورتحال جو جائزو وٺندا رهن برساتي موسم ۾ پاڻي جي صورتحال تي ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي وڃي.

بقايا 26 ***

جي منتظمين سان ملاقات ڪري سيڪيورٽي ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو پڻ امام بارگاهن ۽ پرپاسي جي سيڪيورٽي قدمن جو جائزو ورتو ان موقعي تي پوليس چيف جاويد عالم اوڍو اتي مقرر پوليس اهلڪارن کي هدايت ڪئي ته سڪيورٽي پلان موجب فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا 27 ***

بيان ۾ خرم شيرزمان چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ پروجيڪٽ اڄو گڏجي ڪائون ٿا تڪميل تائين پهچي ويو هن وڌيڪ چيو ته ايم ڪيو ايم جيڪا وفاق ۾ اتحادي ۽ صوبائي اسيمبلي ۾ پيپلزپارٽي جي اپوزيشن جو ڪردار نڀائي رهي آهي هن چيو ته پي پي ايم ڪيو ايم جي آندي ويندڙ نگران حڪومت ڏرپر هوندي ايم ڪيوايم جي فرينڊلي اپوزيشن سان سنڌ 15 سالن ۾ ترقي نه ڪري سگهي.

بقايا 28 ***

ڪروڙ ڊالر رهيا. اسٽيٽ بئنڪ جا پرڏيهي مٽا سٽا جا ذخيرا 540 ملين ڊالرن جي گهٽتائي سان 8 ارب 18 ڪروڙ ڊالر ٿي ويا. ڪمرشل بئنڪن جا پرڏيهي مٽا سٽا جا ذخيرا هڪ ڪروڙ ڊالر وڌي 5 ارب 34 ڪروڙ ڊالر ٿي ويا.

بقايا 29 ***

اغوا ڪري ويا آهن. ايس ايڇ او جو چوڻ آهي ته پوليس اهلڪار جيڪب آباد ۾ محرم جي ڊيوٽي تي ويل هو سنڌس اغوا جو اطلاع مليو آهي، پوليس اهلڪار جي اغوا جي اطلاع بعد جيڪب آباد پوليس ۾ ترٿلو مچي ويو. مغوين جي آزادي لاءِ ڪارروائي جو امڪان آهي

بقايا 30 ***

انصاف واري وزارت ٻڌايو ته راولپنڊي نيب ۾ 261 انڪوائري جي شروعات ڪئي وئي 175 ڪيس بند ٿيا لاهور نيب ۾ 304 انڪوائري جي شروعات ڪئي وئي 124 ڪيس بند ٿيا نيب ملتان ۾ 445 انڪوائري جي شروعات ڪئي وئي 114 ڪيس بند ٿيا نيب ڪي پي ۾ 1178 انڪوائري جي شروعات ڪئي 565 ڪيس بند ٿيا نيب ڪراچي ۾ 820 انڪوائري جي شروعات ڪئي 182 ڪيس بند ٿيا نيب سکر ۾ 608 انڪواري شروع ڪئي 114 ڪيس بند ٿيا نيب بلوچستان ۾ 526 انڪوائري جي شروعات ڪئي 332 ڪيس بند ٿيا.

بقايا 31 ***

۾ شريف خاندان کي اقتدار مليو. پر هنن ڪراچي ۾ پاڻي جي فراهمي کان وٺي عوام جي دردن جي درمان لاءِ ڇا ڪيو؟ شريف خاندان کي اڃان ڪيترا ڀيرا اقتدار کپي. تاريخ شاهد آهي ته هنن حڪمرانن ملڪ ۾ قرمارءِ پنهنجي اولاد جي ڪاروبار ۾ واڌاري کان سواءِ ڪجهه ناهي ڪيو. مٿن ڪرپشن جا ڪيس ان جو ڪليل ثبوت آهن. عالمي ادارن کان قرض وٺي عياشيون ۽ بينڪ بيلنس ۾ اضافو حڪمران ڪن ٿا. پر ان جو نتيجو مهانگائي جي صورت ۾ عوام ڀوڳي رهي آهي اڄ ملڪ جو ٻچو ٻچو قرضي بڻيل آهي هن اڄ هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته سنڌ کي عملي طور قربانيءَ جو ٻڪرو ۽ اسٽيبلشمينٽ هميشه تجربيگاهه بڻايو آهي اهو ئي سبب آهي جو ڪارونجهر ڪوئلي تيل گيس توڙي زراعت جي دولت سان مالامال سنڌ جو عوام نااهل قيادت ڪري سنڌ غربت بڪ بدحالي جي عملي تصوير بڻيل آهي. قوم مٿان مڙهيل ڪرپٽ ۽ ڌارين جا ڳيجهو حڪمران هر ڀيري نوان نوان سبز باغ ڏيکاري عوام کي بيوقوف بڻائن ٿا، پر هاڻي عوام ۾ شعور اچي چڪو آهي جيڪو انهن جي ڏنڍي ۾ ڪو نه ايندو. ايماندار ۽ قابل قيادت ئي ڪراچيءَ ۾ پيئڻ جي پاڻي سميت عوام جا سڀئي مسئلا حل ڪري سگهي ٿي.

بقايا 32 ***

سبب محفوظ آهي. هن اها ڳالهه ايم اي جناح روڊ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چئي، جتي هن 9 ۽ 10 محرم الحرام جي جلوسن جي سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو هن سان گڏ وزير محنت سعيد غني، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت ۽ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ پڻ گڏ هئا. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هو صوبي ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو وٺڻ کانپوءِ پوليس، رينجرز ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن کي ضروري هدايتون ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته اسان جا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا الرٽ آهن ۽ صوبي ۾ امن امان لاءِ ڀرپور ڪم ڪري رهيا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته موبائل فون سروس سڪيورٽي سبب بند ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ٽيڪنالاجي ذريعي دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو ان ڪري انٽرنيٽ ۽ موبائل فون سروس معطل ڪئي وئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هن جلوس جي سمورن اڄ وچ وارن رستن، پارڪنگ جڳهن ۽ پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جي مقرري وارن هنڌن جو دورو ڪيو آهي. هن چيو ته اسان سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انشاءَ الله سڀ ڪجهه پلان موجب ٿيندو. ان کان اڳ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 9 ۽ 10 محرم الحرام جي جلوس جو رستو نشتر پارڪ، نمائش، ايم اي جناح روڊ، مينسفيلڊ اسٽريٽ، پريڊي اسٽريٽ، تبت چوڪ (ايم اي جناح روڊ) بولٽن مارڪيٽ، بمبئي بازار، کهارادر، نواب محبت روڊ ۽ حسينيان ايرانيان امام بارگاهه تي ختم ٿيندو هن چيو ته ٿينهتي، لسبيلا کان طاهري مسجد کانپوءِ مينسفيلڊ اسٽريٽ تائين جلوس لاءِ 20 ڊائيورشن پوائنٽ مقرر ڪيا ويندا. اهڙي ريت 9 پارڪنگ جي جائين کي ذميواري سونپي وئي آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته جلوس جي سيڪيورٽي لاءِ 4698 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. جلوس جي سي سي ٽي وي ڪوريج پڻ ڪئي ويندي ۽ ان جي نگراني آءِ جي آفيس جي سينٽرل ڪنٽرول روم مان ڪئي ويندي. ان کان اڳ وڏي وزير 9 محرم الحرام جي جلوس جي اڳواڻي تاج ڪمپليڪس وٽ ڪئي ۽ پوءِ جلوس وارن رستن ذريعي امام بارگاهه حسينيان ايرانيان پهتو

بقايا 33 ***

اسپيڪر وزيرن کان خاطري کان پوءِ سوالن وارو وقفو سومر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو ۽ سومر تي انهن سوالن جا جواب ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي خميس تي قومي اسيمبلي ۾ ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو چيو ته ملڪ جي آبادي جو 67 سيڪڙو نوجوان آهن 40 سيڪڙو انهن مان بيروزگار آهن گذريل حڪومت نوجوانن کي جيڪي خواب ڏيکاريا انهن جي ساپيان ڪٿي ٿي ان تي رولنگ ڏني وڃي شيخ روحيل اصغر چيو ته ذميوارن کي جيمبر ۾ گهرائي ان بابت پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي اسپيڪر چيو ته هاڻي به حڪومت جو حصو آهيون مريد قمر چيو ته هي رويو قبول جوڳو نه آهي هي سوال پاليسي سان لاڳاپيل آهي ان ۾ ڪي انگ اکر گهربل نه هئا ان بابت لاڳاپيل عملدارن کي گهرايو وڃي ۽ اڄ ٿي سوال جو جواب ورتو وڃي جيڪڏهن جواب نٿو ملي ته هي معاملي استحقاق ڪميٽي ڏانهن اماڻيو وڃي.

بقايا 34 ***

۽ اهلڪ ار مقرر ڪيا ويندا پوليس ذريعن مطابق شهر جي 62 امام بارگاهن کي انتهائي حساس 305 کي حساس جڏهن ته 30 کي نارمل قرار ڏنو ويو آهي ڪراچي ۾ محرم الهرام دوران ڪراچي پوليس جا 15 هزار 287 آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي تي مقرر ڪيا ويندا ڪراچي پوليس مطابق ڊسٽرڪٽ ايسٽ ۾ 7 هزار 50، ويسٽ ۾ 5 هزار 940 ۽ سائوٿ ۾ 2 هزار 297 آفيسر ۽ اهلڪار محرم جي ڊيوٽي ڪندا شهر ۾ 305 امام بارگاهن کي حساس ۽ 62 کي انتهائي حساس ۽ 30 کي نارمن قرار ڏنو ويو آهي ڊسٽرڪٽ ايسٽ جي امام بارگاهن تي 448 ۽ مجلسن تي 2306 آفيسر ۽ اهلڪار جڏهن ته ويسٽ جي امام بارگاهن تي 506 ۽ مجلسن تي 906 ۽ سائوٿ جي امام بارگاهن تي 284 ۽ مجلسن تي 783 آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي تي مقرر هوندا شهر جي انتهائي حساس هنڌن تي 1267 آفيسر ۽ جوان مقرر هوندا اسپيشل سيڪيورٽي يونٽس تي ماهر شوٽر مرڪزي جلوس جي پرپاسي ۽ جلوس جي رستن تي مقرر ڪيا ويندا.

بقايا 35 ***

۾ نهر ٿيندو. اسلام آباد، پشاور، لاهور ۽ ڪوئيٽا مان به ماتمي جلوس برآمد ٿي رهيا آهن. روهڙي جي تاريخي شمع گل ماتمي جلوس ۾ لکين عزادار شريڪ ٿيا. پيهه دوران ساهه ٻوساتجڻ سبب هڪ عزادار آغا شاهزيب پٺاڻ فوت ٿي ويو. 20 کان وڌيڪ زخمي ٿي ويا. حيدرآباد جي مختلف علائقن مان به ماتمي جلوس برآمد. نسيم نگر ۾ سيد راشد شاهه ۽ سول لائين ٽنڊو جهانيان ۾ عزادرن پاران ٽانڊن تي ماتم. مورو ويجهو ڳوٺ ماستر مولا بخش ڪوسي ۾ عزادارن ٽانڊن تي ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي سن ويجهو آمري مان ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو. ننگواڻي ۾ به ماتمي جلوس برآمد ٿيو عزادارن پاران نوحه خواني ۽ سينا زني ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش، پڪو ڪوٽ لالو ۽ ٻين شهرن مان به ماتمي جلوس برآمد ٿيو قاضي احمد ۾ عزادارن پاران تلوارن ۽ ڪُرڙن جو ماتم، دوداپور، جام صاحب ۽ ڀهرام مان به ماتمي جلوس برآمد. حيدرآباد، سکر، خيرپور، ڪنڌڪوٽ، دادو ۽ نوشهروفيروز ضلعن ۾ موبائل فون سروس معطل آهي.

بقايا 36 ***

ابڙو جي پاءُ ۽ ڀائيٽي جي قتل جي جاچ دوران اهم اڳڀرايون ٿيون آهن. پوليس حملي ۾ استعمال ٿيل گاڏيءَ جي مالڪ کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان فرار ٿي ويل مک جوابدار جا 2 ويجها مائٽ به گرفتار ڪيا ويا آهن جن کان جوابدارن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. پوليس ذريعن موجب حملي ۾ استعمال ٿيل ڪار ڪيترائي پيرا وڪرو ٿي چڪي آهي. پوليس پاران هيل تائين مجموعي طور 4 جوابدارن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. ذريعن موجب شروعاتي جاچ مان واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي رهيو آهي، ايم پي اي اسلم ابڙو ذاتي دشمنيءَ جو امڪان رد ڪري چڪو آهي.

بقايا 37 ***

به قدم نه کنيو. شهرين پاران سنڌ سرڪار ۽ انتظاميا تي چٽي تنقيد ڪئي پئي وڃي. فوري طور پاڻي نيڪال ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ پوندڙ برسات تباهي مچائي ڇڏي آهي. روڊن ۽ رستن تي 4 کان 5 فٽ پاڻي بيهجي ويو جڏهن ته ضلعي چيئرمين دورا ڪرڻ ۽ ميونسپل چيئرمين گاڏي تي چڙهي فوٽو سيشن ڪندو رهيو. ضلعي هيڊڪوارٽر واري شهر جا مک علائقا چانڊني چوڪ، ڀرائي محلہ، اسٽيشن روڊ، الفتاح چوڪ، مهراڻ چوڪ، مير محلہ، ٽالپر ڪالوني، سومرا پاڙو، ٽيليفون ايڪسچينج روڊ، منور ڪالوني، قاسم آباد، ٽالپر ٽائون، پيپلز ڪالوني، سونا پاري، گلشن فيض ڪالوني، مشترڪ ڪالوني، شوڪت ڪالوني ۾ پاڻي تلائن جي صورت ۾ بيهجي ويو ٽنڊو غلام حيدر، بلڙي شاهه ڪريم جي مختلف علائقن ملاڪاتيار، شيخ پرڪيو لاڪات، سعيد خان لنڊ، موريا، ڏنڊو سميت ننڍن وڏن علائقن ۾ پڻ 4 کان 5 فٽ پاڻي بيهجي ويو آهي، جنهن جي نيڪال ڪرڻ لاءِ انتظاميه پاران ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا آهن. ٻئي طرف محرم الحرام ۽ برساتي ايمرجنسي باوجود انتظاميه ڪري تدارڪ نه ڪري سگهي آهي.

بقايا 38 ***

انصاف واري وزارت ٻڌايو ته راولپنڊي نيب ۾ 261 انڪوائري جي شروعات ڪئي وئي 175 ڪيس بند ٿيا لاهور نيب ۾ 304 انڪوائري جي شروعات ڪئي وئي 124 ڪيس بند ٿيا نيب ملتان ۾ 445 انڪوائري جي شروعات ڪئي وئي 114 ڪيس بند ٿيا نيب ڪي پي ۾ 1178 انڪوائري جي شروعات ڪئي 565 ڪيس بند ٿيا نيب ڪراچي ۾ 820 انڪوائري جي شروعات ڪئي 182 ڪيس بند ٿيا نيب سکر ۾ 608 انڪواري شروع ڪئي 114 ڪيس بند ٿيا نيب بلوچستان ۾ 526 انڪوائري جي شروعات ڪئي 332 ڪيس بند ٿيا.

بقايا 39 ***

سبب محفوظ آهي. هن اها ڳالهه ايم اي جناح روڊ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چئي، جتي هن 9 ۽ 10 محرم الحرام جي جلوسن جي سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو هن سان گڏ وزير محنت سعيد غني، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت ۽ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ پڻ گڏ هئا. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هو صوبي ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو وٺڻ کانپوءِ پوليس، رينجرز ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن کي ضروري هدايتون ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته اسان جا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا الرٽ آهن ۽ صوبي ۾ امن امان لاءِ ڀرپور ڪم ڪري رهيا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته موبائل فون سروس سڪيورٽي سبب بند ڪئي وئي آهي. هن چيو ته ٽيڪنالاجي ذريعي دهشتگردي جي خطرن کي منهن ڏئي سگهجي ٿو ان ڪري انٽرنيٽ ۽ موبائل فون سروس معطل ڪئي وئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هن جلوس جي سمورن اڄ وچ وارن رستن، پارڪنگ جڳهن ۽ پوليس ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جي مقرري وارن هنڌن جو دورو ڪيو آهي. هن چيو ته اسان سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انشاءَ الله سڀ ڪجهه پلان موجب ٿيندو. ان کان اڳ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 9 ۽ 10 محرم الحرام جي جلوس جو رستو نشتر پارڪ، نمائش، ايم اي جناح روڊ، مينسفيلڊ اسٽريٽ، پريڊي اسٽريٽ، تبت چوڪ (ايم اي جناح روڊ) بولٽن مارڪيٽ، بمبئي بازار، کهارادر، نواب محبت روڊ ۽ حسينيان ايرانيان امام بارگاهه تي ختم ٿيندو هن چيو ته ٿينهتي، لسبيلا کان طاهري مسجد کانپوءِ مينسفيلڊ اسٽريٽ تائين جلوس لاءِ 20 ڊائيورشن پوائنٽ مقرر ڪيا ويندا. اهڙي ريت 9 پارڪنگ جي جائين کي ذميواري سونپي وئي آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته جلوس جي سيڪيورٽي لاءِ 4698 پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. جلوس جي سي سي ٽي وي ڪوريج پڻ ڪئي ويندي ۽ ان جي نگراني آءِ جي آفيس جي سينٽرل ڪنٽرول روم مان ڪئي ويندي. ان کان اڳ وڏي وزير 9 محرم الحرام جي جلوس جي اڳواڻي تاج ڪمپليڪس وٽ ڪئي ۽ پوءِ جلوس وارن رستن ذريعي امام بارگاهه حسينيان ايرانيان پهتو.

بقايا — سنڌيار — 01

آفيس مان ڪم ڪار لاهي ٻاهر نڪتو ته نامعلوم چور سندس موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا هڪ ڏينهن اڳ سيشن ڪورٽ بدين جي گيٽ تان پڻ شاهنگ شهري جي موٽر سائيڪل ڪاهي ويا هئا جن جو ڪوپتو نه پيو آهي بدين ۾ سولر پليٽن بيٽرين ۽ موٽرسائيڪلن جي چورين ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي متاثر شهرين جو چوڻ آهي ته ايس ايچ او بدين چورن کي گرفتار ڪري چوريون واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي ويو آهي

بقايا — سنڌيار — 02

جا چونڊيل نمائندا عوام سان ملڻ لاءِ به تيار ناهن علائقن جا چونڊيل چيرمين به ڏانهن ڪري رهيا آهن ته اسان بي وس آهيون اختيار ناهين بي اختيار آهيون عوام اسان مان پاڻي نيڪال ڪرائڻ جي ڪا اميد نه رکي برسات جو پاڻي بيهڻ سبب عزادارن ۽ شهرين کي ڏکيائون درپيش ضلعي انتظاميا شهر مان پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ غائب ٿي وئي آهي عوام پنهنجي مدد پاڻ پاڻي نيڪال ڪري رهي آهي

بقايا — سنڌيار — 03

هاڪڙي دريا ۾ ابتوهلندڙ آهي جنهن سبب نئون ڪوٽ جي شهري آبادي سميت ڪلوئي جي ٻئراجي علائقي کي ٻڏڻ جو خطرو برقرار آهي. هوڏانهن علائقي واسين جو چوڻ آهي ته آبپاشي عملو ٻن ڏينهن دوران ڪاٽ جي ڪڙ وارو ڪم به مڪمل ناهي ڪري سگهيو هنن جو چوڻ آهي ته ٻرينج انتظاميا صرف فوٽو سيشن ۾ مصروف آهي گذريل ڏينهن ڪان هن مهل تائين پاڻي کي روڪڻ لاءِ ڪي به قدم ناهن کنيا، انتظاميا صرف ڪوڙا بل ناهي پيسا هڙپ ڪرڻ چاهي ٿي هنن چيو ته پاڻي کي روڪڻ لاءِ اپاءَ نه ورتا ويا ته پاڻي نئون ڪوٽ جي شهري آبادي سميت ڪلوئي جي ٻئراجي علائقن کي ٻوڙي ڇڏيندو. ٻئي پاسي ايل بي او ڊي اسپائنل ڊرين ۾ جي پاڻي ۾ به لاٽ نه آئي، پاڻي جو چاڙهه خطرناڪ حد تي پهچي ويو 4500 ڪيوسڪ پاڻي جي ڪئپيسٽي رکندڙ ايل بي او ڊي مان هن مهل 6000 ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو گذرڻ لڳو آهي ، ايل بي او ڊي جا بند ڪمزور هئڻ ڪري ڪنهن به وقت گهارو پوڻ جو خدشو آهي جنهن جي ڪري علائقي واسي خوف ۾ مبتلا آهن.

بقايا — سنڌيار — 04

تاجل شاهه ۽ صفت علي آغائي نوحا خواني ڪئي انجمن لشڪر عباس طرفان گوشت مارڪيٽ لڳ سبيل لڳائي وئي درگاهه نوحاڻي تي مجلس عزا تي درگاهه نوحاڻي جي سجادنشين طرفان چانڊ جي سبيل تقسيم ڪئي وئي ۽ سيد محلا طرفان نياز ڪيو ويو ماتمين جلوس سيد محلا کان راجاڻي چو تي پهتوجتي مجلس عزائي تي بعد ۾ ماتمين جلوس پنهنجي پهنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا

بقايا — سنڌيار — 05

انجمن حيدري جي ضلع صدر سيد فدا حسين ڪاظمي. زوار ذيشان علي چارڻ محب علي سخيراڻي .راجا الطاف عباسي عبدالرحمان ميمڻ ۽ ٻين ڪئي فليگ مارچ مرڪزي امام بارگاهه حيدري دادو کان ٿيندو ايس ايس پي آفيس پهتوجتي ايس ايس پي عبدالخالق پيرزاده ۽ ڊي ايس پي عبدالخالق وڳڻ ڊي آئي بي انچارج عبدالستار ميراڻي ڀاران حيدري اسڪائوٽ جي نوجوانن کي بريفنگ ڏيندي چيو ته ماتمي جلوسن ۾ جهڙي طرح پوليس ڊيوٽي ڏني آهي ان طرح حيدري اسڪائوٽ جي نوجوانن به بهترين ڊيوٽي سرانجام ڏني آهي.

بقايا — سنڌيار — 06

ڪالوني جي رهواسي شان بلوچ ڀاران سوشل ميڊيا تي صحابہ ڪرام جي شان ۾ گستاخي ڪئي وئي هئي جنهن بعد مختلف مذهبي ڌرين ڀاران وڏي انگ ۾ گڏجي جهڏو ٿاڻي تي جوابدار جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو جنهن بعد جهڏو پوليس جوابدار شان بلوچ کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ اهل سنت جماعت جهڏو جي صدر حافظ عبدالمجيد جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا — سنڌيار — 07

جو ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي پرسو پيش ڪيو ويو جنهن کان پوءِ ذوالجناح جو ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن تان [illegible]

بقايا — سنڌيار — 08

شاهي بازار حيدر چوڪ [illegible]

بقايا — سنڌيار — 09

، سيد آفتاب علي شاهه ڳوٺ محمد صلاح خان گولو ۽ درگاهه سيد موٺڻ شاهه تي عزادري ڪان پوءِ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي جتي مجلس کي علامه غلام جعفر حيدري امام حسين عليہ السلام جي شان ۾ ڪربلا جو واقعو بيان ڪيو ۽ چارون طرف يا حسين عليہ السلام جو صدائون گونجي اٿيون جڏهن ته ڪشمور، بڊاڻي، بخشاپور ،تنگواڻي، زورڳڙ سميت ننڍا وڏا 30 ڪان وڌيڪ جلوس بر آمد ڪيا ويا جيڪي پنهنجي روٽ مطابق عزاداري ڪندي اختتام پذير ٿيا. جڏهن ته ڪٿي بجلي هلي پئي ڪٿي بجلي نه هجڻ ڪري مومنن کي وڏي تڪليف مان گذرڻو پيو هوڏانهن ميونسپل عملو برسات جي دوران به هلندي برسات جو پاڻي نڪال ڪرائي ڇڏيو ۽ سندس صحت ڪاتي جون ٽيمون پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏيندا رهيا. هوڏانهن پوليس، رينجرس جي عملدارن سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا مجلس وحدت المسلمين جي صدر مير فائق علي جکراڻي ، شيعا علماءِ ڪائونسل جي صدر بشير احمد حيدري ، جميل حيدر، ڊاڪٽر نثار احمد شيخ جعفريہ الائنس پاڪستان جي صدر فقير نظير احمد ميراڻي، سيد آفتاب شاهه، سيد سلطان شاهه، ڏنل شاهه صدام شاهه، فرمان شبير گولو ڀاران سيڪيورٽي جي نگراني ڪندا رهيا.

بقايا — سنڌيار — 10

پوليس ۽ علائقي واسي وڏي انگ ۾ پهچي [illegible]

